قُدرت جي گود ۾

(ناول)



- امر گوپالاڻي

قُدرت جي گود ۾

(ناول)

امر گوپالاڻي





پنهنجي طرفان

دوستو،
گيتا ۾ ڪرشن ارجن کي چيو هو، ”سرشٽيءَ ۾ جيڪي بہ پراڻي
ن پرڪرتي (قدرت) اُنهن جي گرڀ ڌارڻ ڪرڻ واري ماتا آهي.
ٻج اِستاپن ڪرڻ واور پتا.
دوستو، اسان جو پنڊ (شرير) پرڪرتيءَ جي پنجن تتوَن مان
يل آهي. قدرت اَسانجي ماتا آهي. جڙ پنڊ ۾ چيتن (آتما)
ماتما جو انش آهي. پرماتما اَسانجو پتا آهي.
اسين قُدرت کان پري ٿي ويا آهيون بلڪ قُدرت جو وناشڪاري
هن ڪيو ويو آهي. اِنڪري سڀ ڪجهہ هوندي بہ اسين خوش
يون؟ نہ هوا شڌ آهي، نہ پاڻي شُڌُ، نہ روٽي شُڌُ. هر طرف پريشاني
ي. تناو آهي. ڪشمڪش آهي.
اسين ماتا جي گود کان محروم، مايا جي ڦير ۾ ڀٽڪي رهيا
يون. انيڪ طرح جون بيماريون ڦهلجي رهيون آهن. لڳي ٿو
ملڪ جي سرڪار ڪارپوريٽ سيڪٽر هلائي رهيو آهي.
روڙپتي، ارٻپتي بڻجي رهيا آهن، ارٻپتي کرٻپتي. غريبن
ي مُنهن جو نوالو بہ پونجي پتي ڦري رهيا آهن. انداتا ڦٽي
ل آهي.
اج بہ آديواسي جن جاتيون جيڪي قُدرت جو دامن پڪڙي
نا آهن، اُهي خوش آهن، تندرست آهن. ٿوري ۾ خوش آهن.
درت جو بچاءُ ۽ واڌارو ڪري رهيا آهن.
اگر اسين سيمينٽ، ڪانڪريٽ جي جهنگل ۾ رهڻ وارا اِنسان
ل ۾ چند ڏينهن قدرت جي سايي ۾ گُذاري اچون تہ ڀرپور

قُدرت جيِ گود ۾

(ناول)

ليکڪ : امر گوپالاڻي
سرنامو : اِي-98، ساڪيت، اِنڌور-452018.
موبائيل : 08989831884.
دفعو : پهريون- سال : 2021
ڇپائيندڙ : آل اِنڊيا سنڌو ڪلچر فائونڊيشن (احمدآباد)
ڪاپيون : 500
قيمت : 280 رپيا
ٽائيپ سيٽنگ ۽ ڇپائي ڏيندڙ } آهوجا گرافڪ سروس
اي-وارڊ مين روڊ، ڪبيرنگر، احمدآباد.

KUDRAT JI GOD MEIN

(Novel)

Writer : Amar Gopalani

Publisher : All India Sindhu Culture Foundation (Regd.)
12, Sukhmani Appt., A-Ward,
New Bunglow Area,
Sahijpur Bogha, Ahmedabad-382345.
Mob. : 8160319275

Edition : 1st Year : 2021

Copies : 500 Price : 280/ Rs.

ISBN No. :

Type Setting & Printed by } Ahuja Graphic Service
A-Ward Main Road, Kubernagar,
Ahmedabad-382340.
(M) 7817888191-8780671345

ارپڻ

ناول قدرت جي گود ۾ ڀارت جي مُول
نواسين آديواسي جن جاتين جي قبيلي وارن
کي نمن ڪندي ارپڻ ٿو ڪريان.

امر گوپالاڻي
اِي-98، ساڪيت، اِندور-452018.
سيل نمبر : 08989831884

سَڪوُن ماڻي تازا توانا ٿي اچي سگهون ٿا.

منهنجو هي ناول ''قُدرت جي گود ۾'' پاٺڪن جو منورنجن ته ڪندو ئي ڪين (قدرت جي گود ۾) الڳ الڳ هِل اِستيشن تي گُهمي اچڻ لاءِ همٿائيندو پڻ.

مان تمام گهڻو شُڪرگُذار آهيان آل اِنڊيا سنڌو ڪلچر فائونڊيشن (احمدآباد) جي بانيڪارن جو جيڪي لڳاتار منهنجا ڪتاب سنڌي ڀاشا ۾ ڇپائي پاٺڪن تائين پهچائي رهيا آهن.

آءٌ توهانجي قربائتن خطن، چٺين ۽ فون جي لاءِ شڪرگذار آهيان، قرب جو ناتو نباهيندا رهندا.

اِن اُميد سان
امر گوپالاڻي
اِي-98، ساڪيت، اِندور-452018.
سيل نمبر : 8989831884

گُجراتي آرٽس ڪامرس ڪاليج جا پنج گهرا دوست هئا،
جيش، نيرج، جيتيندر، نرنجن ۽ گؤرو. پنج ئي ڪامرس جا وديارٿي
ئا. فائينل اِمتحان ڏيئي فارغ ٿيا هئا. اڳتي جي پڙهائيءَ بابت
وچٽو هين. ٻه-ٽي ڏينهن ايڪانت جڳهه تي ويهي ويچار ڪرڻ جو
يءَ ڪيائون.

آرتوار ڏينهن پنج ئي دوست نيرج جي گهر گڏ ٿيا. نيرن ڪائي
نج جا ٽفن تيار ڪرائي، بسلريءَ جون بوتلون ڪار ۾ رکي نيرج جي
ڪار ۾ پنج ئي دوست روانا ٿيا. ڪيڏانهن، ڪُجهه طيءَ نه هين.

ينورڪوٺا چؤراهي تي نيرج ڪار هڪ سائيڊ ۾ روڪي پُڇين،
’ڪيڏانهن؟ ڪنڊوا روڊ يا مهوُ روڊ؟‘‘

راجيش چيس، ’’مهوُ روڊ.‘‘

گؤرو پُڇيس، ’’مهوُ روڊ تي ڪيڏانهن؟‘‘

راجيش چيس، ’’وانچو پائنٽ.‘‘

نيرج ڪار مهوُ روڊ تي اڳتي وڌائي. رائو پهچي نرنجن چيس،
’رائوءَ جي ڪچوڙي ڪائيندا هلون.‘‘

نيرج ڪار هڪ هوٽل جي پرسان روڪي. راجيش هيٺ لٿو. پنج
رم ڪچوڙيون ورتائين. ڪچوڙين ۽ چانهه جا پئسا ڏيئي هوٽل
اري کي چيائين، ’’ڪُجهه دير بعد چانهه ڊسپوزل گلاسن ۾ ڪار ۾
وڪلجانءِ.‘‘ پنجن ئي دوستن ڪچوڙي کائي هڪ بسلريءَ جي
وتل کولي پاڻي پيتو. ٻئري کي راجيش اِشارو ڪيو. ٻئرو هڪ ڇڪي
چانهه جا پنج گلاس کڻي آيو. هڪ هڪ گلاس پنجن ئي کي ڏنائين.
انهه پي راجيش وري ٻئري کي سڏ ڪيو. ٻئرو خالي گلاس کڻي وڃڻ

شري امر گوپالاڻي جا شايع ٿيل ڪتاب

1.	آنسون عمر ڀر ڪي	ڪهاڻي سنگرهه	هندي	2008
2.	آنسون عمر ڀر جا	ڪهاڻي سنگرهه	سنڌي	2012
3.	گردش	ڪهاڻي سنگرهه	سنڌي	2012
4.	ڪلومل بلومل	طنزي ليک	سنڌي	2013
5.	نياڻيون ناهن نماڻيون	ناٽڪ سنگرهه	سنڌي	2013
6.	ڪمارس-ڀاڱو-1	ناول	سنڌي	2014
7.	ڪمارس-ڀاڱو-2	ناول	سنڌي	2014
8.	ايڏو ٻه ناز نه ڪر ۽ ٻن پُٽن جي وچهر	ناول	سنڌي	2015
9.	ڏنگُ	ناول	سنڌي	2015
10.	ڪلومل بلومل-ڀاڱو-2	طنزي ليک	سنڌي	2015
11.	بانڇڙا ڪماري	ڪهاڻي سنگرهه	سنڌي	2016
12.	حيثيت	ناول	هندي	2016
13.	حيثيت	ناول	سنڌي	2016
14.	چٽئالي	ناول	هندي	2016
15.	ڊاڪٽر سُڌا	ناول	سنڌي	2017
16.	بيداغ	ناول	هندي	2017
17.	ڪلومل بلومل-ڀاڱو-3	طنزي ليک	سنڌي	2017
18.	بيداغ	ناول	سنڌي	2017
19.	عجب آداستان تنهنجي اي زندگي	ناول	سنڌي	2017
20.	بيوفا لوٽ پي آ	ناول	هندي	2018
21.	بيوفا موٽي آ	ناول	سنڌي	2018
22.	سيلاب	ڪهاڻي سنگرهه	هندي	2019
23.	اُجاس	ناول	هندي	2019
24.	سيلاب	ڪهاڻي سنگرهه	سنڌي	2019
25.	باک ڦٽي تائين	ناول	سنڌي	2019
26.	اڃا آس آهي	ناول	سنڌي	2019
27.	ڪلومل-بلومل (ڀاڱو-۵)	طنزي ليک	سنڌي	2020
28.	واعدو	ناول	سنڌي	2021
29.	قُدرت جي گود ۾ (اوهان جي هٿن ۾)	ناول	سنڌي	2021
30.	ته پوءِ ڇا پرابلم آهي؟ (پريس ۾)	ڪهاڻي سنگرهه	سنڌي	

بن نہ موت کانءَ هوءَ شادي شده آهي. توکان عمر ۾ ڏيڍي نہ ضرور
ندي.''

جيتيندر، ''يار نيرو، تو نہ منهنجي هوا ئي ڪڍي ڇڏي. هاڻي
ن ئي ٻُڌاءِ ڇا ڪرڻ گُهرجي؟''

نيرج، ''اسان ٽنهين کي...''

اڌ ۾ ڪٽيندي راجيش پُڇيس، ''ٽي ڇو؟ پنج ئي ڇو نہ؟''

نيرج چيس، ''راجو، نرنجن ۽ گوُرو جي باري ۾ سوچڻ اجايو آهي،
لت اڇڻ ڏي، اڳتي پڙهائي نہ ڪندا. وڃي پنهنجا هٽ سنڀاليندا،
د ئي شادي ڪري هوم پراڊڪشن چالو ڪندا. جيستائين اسان جي
هائي پوري ٿئي، ٻئي ڇئن-ڇهن ٻارن جا پيءُ بڻجي ويندا.
نجن کي ڏس نہ، ٽن سالن کان نيلم جي آس لڳائي ويٺو آهي. نيلم
ڏهن گاهہ بہ نہ وڌو اٿس.''

نرنجن چِڙي چيس- ''نيرو، تون منهنجي توهين ٿو ڪرين.''

''نرنجن سچ ٻُڌاءِ، تون نيهنهن پريل نيٽن سان نيلم کي نہ
ريندو آهين؟''

نرنجن جواب نہ ڏنس. جيتوءَ پُڇيس، ''نير، تون ٻُڌاءِ ڪهڙي ٿو
ح ڏين؟''

نيرج چيس، ''اسان کي آءِ. اي. ايس. جي باري ۾ سوچڻ گهرجي.
ڪ تي آءِ. اي. ايس. جي لابي راڄ ڪري رهي آهي. اسان سنڌين کي
باري ۾ گنڀيرتا سان ويچار ڪرڻ گهرجي. ڪيترريون سنڌي
وڪريون ڪليڪٽر بڻجي ٿيون وڃن. اُنهن کي سنڌي آءِ.اي.ايس.
يسر نٿا ملن، مجبوريءَ ۾ غير سنڌين سان شادي ڪرڻي ٿي پوين.
ڪار اسان سنڌين جي لاءِ مفت ٽريننگ جو اِنتظام ڪيو آهي. اسان
ب اِن جو فائدو وٺڻ گُهرجي.''

جيتوُ، ''ڇا تو ڇئين نيروُ؟''

لڳو. راجيش ڏهين جو نوٽ ڏنس. ٻئرو سلام ڪري هليو ويو. نيرج ڪار اڳتي وڌائي. نيرج وانچو پائنٽ پهچي ڪار پارڪ ڪئي. سڀ ڪار مان لٿا. لنچ باڪس ۽ پاڻيءَ جون بوتلون ۽ هڪ ننڍو فراس کڻي گيٽ کان اندر ويا.

وانچو پائنٽ ستپڙا پهاڙن جي ترائيءَ ۾ هڪ اونچو پٺار هو. (ميدان جهڙي جڳهه) خوشنما منظر هو. سرسبز پهاڙ. پريان وهندڙ هڪ ندي، هڪ ننڍي ڍنڍ. نرمدا لائين کي وانچو پائنٽ تي مٿي چاڙهي وڏي پائيپ رستي هيٺ لاهي اِندور آندو ويو هو. مڌيه پرديش جي هڪ گورنر ڊاڪٽر وانچوءَ جي نالي تي هن جڳهه جو نالو وانچو پائنٽ رکيو ويو هو.

گِلم وِڇائي سامان هڪ طرف رکي دوستن مان ڪي هڪ طرف هلڪو ٽيڻ ويا. واپس اچي هٿ ڌوئي نئپڪن سان اُگهي، چوڌاري قدرت جي سونهن کي نهاري پوءِ اچي ويهي رهيا. ڪُجهه دير سُستائڻ کانپوءِ راجيش چيو، ”دوستو، هاڻي اڳتي پڙهائيءَ جي باري ۾ ويچار ڪرڻ گُهرجي.“

جيتيندر چيو، ”مون ته طيءِ ڪيو آهي، آءٌ ميڊيا ۾ وڃڻ چاهيندس. نيوز چئنلن ۾ گليمر ناموس ۽ ڀرپور ڪمائي آهي. شويتاسنهه کي ڏس نه، ڪيترا ناٽ اَٽس.“

نيرج ٽوڪيندي چيس، ”اَهڙيون پوُڪائپ جون ڳالهيون نه سوچ جيتوُ. نيوز چئنل فيڪ نيوز (ڪوڙيون خبرون) جي ڪري بدنام آهن. سياسي پارٽين ۽ سياسي نيتائن جي ٽُڪرن تي ٿا پلجن. پارٽيون ۽ نيتا وڏيون رقمون ڏيئي نيوز چئنلن ذريعي ڪوڙيون خبرون ڦهلائي عوام کي گُمراهه ڪري ووٽن جو فصل ڪاٽيندا رهن ٿا. جيڪي ايماندار آهن، اُنهن کي يا ته ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسايو ٿو وڃي يا گوليءَ جو شڪار بڻايو ٿو وڃي. اگر شويتا سنگهه جي سونهن کان متاثر

هه ٿهليل آهي. ڪُجهه ڄڻهيون فقط سياري جي مؤسم ۾ گُهمڻ
ق آهن. اسين گهٽي ۾ گهٽيون ڄڻهيون مارچ اپريل ۾ گُهمي سگهندا
يون.''
راجوءَ چيو، ''ڏڪ گهٽ اڌ مارچ تہ گُذري چُڪو آهي.'''
نيرج، ''اڄ ئي پلان ڪريون، ٻن ڏينهن ۾ هلي سگهون ٿا.''
راجيش، ''ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ نہ. هفتي ڪانپوءِ.''
جيتوُ، ''هفتي ڪانپوءِ ڇو؟''
راجو، ''منهنجي سؤٽ شاديءَ ڪانپوءِ هِتي آيل هئي. پهريون دفعو
بس وٽي وڃڻ لاءِ سندس سُهروءَ ڪُجهه ٻيا گهر جا ڀاتي ايندا. اُنهن
ي آوڀڳت لاءِ اسان جو هتي هئڻ ضروري آهي. ڊئڊي سيڻ جي شان
هڪ پارٽي رکندا. پارٽيءَ ۾ پنهنجي قريبين، يارن دوستن کي بہ
نڊ ڏيندا. اسان کي اُن ۾ شامل ٿيڻو آهي.''
نرنجن، ''ويٽر جو ڪم ڪرڻ لاءِ؟''
راجو، ''سچ آ نيرو، تون عقل کان ڪورو آهين! ايتري وڏي پارٽي
نهن هوٽل ۾ ئي تہ ٿيندي. اُتي ويٽر تہ هوندا ئي نہ؟''
نرنجن، ''تہ پوءِ پارٽيءَ ۾ اسان جو ڪهڙو ڪم؟''
راجو، ''ڪڏهن تو وٽ ڪائي پارٽي ٿئي تہ پوءِ اسين بہ
ونداسين، اسان جو ڪهڙو ڪم؟''
نرنجن، ''ساري دوست. اسين سڀ شامل ٿينداسين.''
نيرج، ''تہ پوءِ اِهو طيءِ ٿيو تہ راجوءَ جي پروگرام ڪانپوءِ اروٽاچل
ديش.''
نرنجن، ''هلڻ جو ڊگہ ڪهڙو آهي؟''
نيرج، ''اِهو گوُرو سرچ ڪري ٻُڌائيندو.''
جيتو، ''هاٿي هلڻ گُهرجي.''
پنج ئي دوست ڪار ۾ سوار ٿي اِنڊور لاءِ روانا ٿيا. موٽندي رائوءَ ۾

نرنجن، ”منهنجي وس جي ڳالهہ ناهي.“

”گؤرو تون؟“

گؤرو، ”آءٌ بزنيس جوائن ڪندس.“

جيتيندر، ”نيرج سچ ٿي چيو تہ اسان ٽن چئن کي ئي اڳتي جي پڙهائيءَ بابت سوچڻ گهرجي.“

راجيش، ”تہ اِهو طيءِ ٿيو تہ، نيرج، جيتوءَ آءٌ. اسين ٽيئي آءِ. اي. ايس. جي تياري ڪنداسين. هاڻي اِهو ٽاپڪ اِتي پورو ٿيو. هاڻي ڪيڏانهن لانگہ جرنيءَ تي هلڻ جي باري ۾ سوچڻ گهرجي.“

نرنجن، ”پهريائين لنچ جي باري ۾ سوچڻ نہ گهرجي؟“

راجيش، ”کائڻ کانپوءِ سُستي چڙهندي. پهريائين ٽوئر جي باري ۾ سوچڻ گهرجي.“

نرنجن، ”کائيندي-کائيندي بہ تہ سوچي سگهون ٿا نہ؟“

نيرج، ”کائڻ وقت صرف کائڻ جي باري ۾ ئي سوچڻ گهرجي. نرنجن کي بُکہ لڳي آهي. پهريائين کائي ٿا وٺون. ٽوئر جي باري ۾ پوءِ سوچينداسين.“

لنچ باڪس کولي ٽفن ڪڍي، ڊسپوزل پليٽن ۾ دونن ۾ رسوئي پروسي پنج ئي دوست کائڻ وينا. رسوئي کائي، هٿ وات صاف ڪري، جوٺيون پليٽون، دونا ۽ بِي ويسٽ هڪ پلئسٽڪ جي وڏيءَ ٿيلهيءَ ۾ رکيائون. سڀ سامان ڪارٽون ۾ وجهي هڪ طرف رکي کي ليٽي پيا کي ويهي ٽنگون ڊگهيون ڪري، سُستائڻ لڳا. اڌ ڪلاڪ کان پوءِ پنج ئي اُٿيا. پاڻي پيتائون. ريلنگہ کي ٽيڪ ڏيئي وجي بيٺا. راجيش چيو، ”منهنجو ويچار آهي هن دفعي اسين دارجلنگہ، سڪيم، ڀوٽان هلون.“

نيرج چيو، ”اِنهن ٽنهين جڳهين کان وڌيڪ قُدرتي سونهن اسان کي اروڻاچل پرديش ۾ ملندي. اروڻاچل وڏو پرانت آهي. اوپر کان

ڻ ڏي؟“
”ٻڌڍي، آرتيءَ جي لاءِ تا پڇو؟“
”ها پُٽ.“
”ٻڌڍي اُن جو نالو گؤرو آهي. ڏاڍو لائق ڇوڪرو آهي، خانداني
ٺهو آهن. اُٺٽي ويهٽي سُني اَٿن. ٻراءِ فروٽ جو هول-سيل جو ڌنڌو
ن. ساڪيتنگر ۾ رهندا آهن. گهر ۾ ڪُل چار ڀاتي آهن. گؤرو، گؤرو
ي ماتا، پتاءُ گؤرو جو هڪ ننڍو ڀاءُ.“
”پُٽ، دوستي فقط ڇوڪرن ۾ آهي يا وڏن ۾ بہ آهي؟“
”ٻڌڍي، وڏن ۾ اينتري گهرائپ تہ نہ آهي. ليڪن سڄاٽپ پوري
ن. جهڙي ڪارج ۾ هڪ ٻئي کي سَڏُ ڏيندا آهن. رات پارٽيءَ ۾ گؤرو جا
تا بہ ايندا.“
”پُٽ نرملا، رات جو گوڙ گهمسان ۾ کُلي ڳالهائڻ نہ ٿي سگهندو.
يٺ گهنشيامداس کي چئہ تہ منجهند جي روٽيءَ وقت گؤرو جي
تاءُ ماتا کي گهرائين. سيٺ صاحب جي ڪن تي رشتي جي ڳالهہ وجهي
ڌ. کين اِشارو ڪري ڇڏين تہ ڳالهائي رشتي جي پڪ ڪري ڇڏيون. آرتي
، آئي آهي. ڇوڪرو ڇوڪرِي بہ هڪ ٻئي کي ڏسي وٺندا.“
”ڇوان تي ٻڌڍي“ چئي نرملا اُٿي هلي ويئي.
ٿوريءَ دير ڪانپوءِ راجيش ناشتي لاءِ سڏڻ آين. سڀ نيرن لاءِ
ائننگہ ٽيبل تي گڏ ٿيا. زائفائون ٻئي هال ۾ گڏ ٿيون. راجيش جا
ڀ دوست مؤجود هئا. گهرءُ دڪان جا نؤڪر سروس ۾ لڳا پيا هئا.
جيش ءُ سندس دوست نظر رکي رهيا هئا. ڪوئي آئٽم گهٽ پيو
تين تہ گهرائي پيا وٺن.
مهمانن جي نيرن ڪائڻ ڪانپوءِ پنجن ئي دوستن گڏجي ناشتو ڪاڌو.
وءِ منجهند جو اچڻ جو چئي چار ئي موڪلائي هليا ويا.
گهنشيامداس ڪرپالداس کي فون ڪري سگهرو لنچ تي اچڻ جي

ترسيِ چانهہ پيِ اِڳتي وڌيا.

نرملا (راجيش جي سؤٽ) جا ساهرا جبلپور کان اوورنائيٽ ايڪسپريس ۾ صبوح جو 10 بجي اِندور پهتا. راجيش ۽ سندس دوست ٽن ڪارن ۾ کين رسيوَ ڪرڻ لاءِ اِسٽيشن ويا هئا. جنهن وقت ٽرين پليٽفارم تي پهتي تہ پنج ئي دوست پليٽفارم جي اي.سي. اي ڪوچ جي پرسان مؤجود هئا. مهمانن سان ملي کين عرض ڪيائون، توهان هيٺ لهي بيهو، سامان اسين لاهيون ٿا. توهان جو هڪ ماڻهو سامان چيڪ ڪرڻ لاءِ ڪوچ ۾ مؤجود هُجي.

سامان گهڻو نہ هو. سامان لاهي، ڳؤرو سامان ٻن ڪولين کان کڻائي هلڪو سامان دوستن خود کنيو. ٻاهر اچي سامان ڪار جي ڊکيءَ ۾ رکي مهمانن کي ويهاري راجيش جي گهر روانا ٿيا. گُلمرگہ ڪالونيءَ ۾ راجيش جي بنگلي تي پهتا تہ مهمانن جي آجيان لاءِ راجيش جو پيءُ ۽ چاچو گيٽ تي حاضر هئا. سڀڻ گرم جوشيءَ سان هڪ ٻئي سان مليا. آدر-مان سان مهمانن کي گهر اندر وٺي ويا. ٻن ڪمرن ۾ سندن رهڻ جو اِنتظام ڪيو ويو هو. پهريائين کين چانهہ سروَ ڪئي ويئي. چانهہ کان اڳہ ڊراءِ فروٽ، مٺائي، بسڪوٽ ۽ نمڪين جون پليٽون رکيون ويون هيون. اُن سان گڏ پاڻيءَ جا گلس. چانهہ کانپوءِ هڪ ٻئي جي پٺيان هڪ باٿ روم ۾ زائفائون ۽ ٻئي ۾ مردسنان ڪرڻ لاءِ ويا. نرملاسس سان ملي آئي هُئي. سُهري وٽ وڃي پيري پيئي مليس. سُهري مٿي تي هٿ رکي چيس، ”پُٽ ويهہ، توسان ڪُجهہ ڳالهائڻو آهي.“

نرملا هڪ ڪرسيءَ تي ويهي رهي. گنگارام (آرتيءَ جي سُهري) پُڇيس، ”پُٽ، اِسٽيشن تي راجيش سان گڏ جيڪي ڇوڪرا اسان کي وٺڻ آيا هئا، سي راجيش جا دوست هئا نہ؟“

”ها ڊئڊي.“

”اُنهن ۾ هڪ انگريزن جهڙو گورو ڇوڪرو بہ هو. اُن جي باري ۾

ڪرپالداس اُٿي کڙو ٿيو. چيائين، ”معاف ڪجو، منهنجو گوُرو
ڪائو ناهي، هلان ٿو.“
گهنشيامداس اُٿي ڪرپالداس کي ٻانهن کان پڪڙي ويهاريندي
ٿو، ”ڪرپالداس ناراض نہ ٿيو. دلالن ماحول بگاڙي ڇڏيو آهي.
ڪري ڏيءُ پيءُ ٻڇي ٿو. آءٌ ٿو توهان کان معافي گهران.“
گنگارام، ”سيٺ صاحب، ڇاٽي حيرت بہ لڳي ۽ خوشي بہ ٿي تہ
رتمند اِنسان وڏن جي روايت کي زنده رکي ويٺا آهن. آءٌ برد
ريان ٿو، منهنجي آرتي هاڻي توهانجي ٿي.“
لنهه تي گهنشيامداس هڪ طرف سيٺ ۽ سيٺوت کي ويهاريو. ٻئي
ف ڪرپالداس جي پريوار کي. آرتيءَ کي گوُرو جي سامهون ويهاريو
و. نرملا آرتيءَ کي راجيش گوُرو کي رشتي جي باري ۾ ٻُڌائي ڇڏيو
. ٻنهين هڪٻئي کي ڏٺو هو. گنگارام ڏيءُ کي چيو، ”پُٽ آرتي،
ن اِتان اُٿي ٻئي هنڌ ويهہ. اِتي سيٺ گهنشيامداس کي ويهڻ ڏي.“
راجيش، گوُرو ۽ آرتيءَ کي پنهنجي ڪمري ۾ وٺي ويو. اڪيلي ۾
ڻ جو موقعو ڏنائين. خود ٻاهر نڪري ويو.
آرتيءَ کي ڪرپالداس ۽ ڪُنتيءَ اِشاري اِشاري ۾ پسند ڪيو. گوُرو
ي فيصلي جو اِنتظار هين.
گهنشيامداس رسوئي شروع ڪرڻ جو عرض ڪين. سڀ رسوئي کائڻ
. رسوئي کائي اُٿيا تہ راجيش پنهنجي ڪمري ۾ ويو. ٻنهين کان
چيائين- ٻئي هڪٻئي کي پسند ڪري چُڪا هئا. ٻنهين کي هال ۾
ي ويو. ٻنهين مائٽن کي اِشاري ۾ پنهنجي رضامندي ڏني.
نشيامداس اُٿي گنگارام ۽ ڪرپالداس کي واڌايون ڏنيون.
نشيامداس راجيش کي چيو، ”بيٺا منائي ڪٽي آءُ، سيني جو وات
و ڪراءِ.“
گنگارام ۽ ڪرپالداس اُٿي گلي مليا. گهنشيامداس ڪرپالداس کي

نيندڊ ڏني. ڪرپالداس چيس تہ ”رات ايندس جو، منجهند جو ڇا لاءِ؟“

گهنشيامداس چيس، ”خاص سبب آهي، ايندوَ تہ روبرو ٻڌائيندوسانوَ. گوُرو تہ هِتي هوندو ئي، توهان ڀاڀيءَ ۽ راڪيش کي بہ وٺي اچجو.“

”ٺورو اِشارو تہ ڪيو تہ اُن حساب سان اچون.“

”توهان اچجو، باقي سڀ ٺيڪ آهي.“

ڪرپالداس منجهند جو پريوار سميت گهنشيامداس جي گهر پهتو. ڪُنتيءَ کي راجيش جي ڇاچيءَ ۽ ماءُ پاڻ سان گڏ وٺي ويون. راڪي بہ ماءُ جي پُٺيان ويو. ڪرپالداس کي گهنشيامداس بئٺڪ ۾ وٺي ويو. اُتي سيٺ سان ملايائينس. هڪ ٻئي جي واقفيت ڪرايائين. خوش-خيريافت کانپوءِ گهنشيامداس مُدي جي ڳالهہ تي ايندي چيو، ”سيٺ صاحب چاهن ٿا تہ سندس سُپتري آرتيءَ جو رشتو توهان جي گوُرو سان جُڙي.“

ڪرپالداس چيو، ”اِها اسان جي خوشقسمتي آهي جو سيٺين اسان کي اِن قابل سمجهيو. ليڪن اڄڪلهہ ٻار بہ چاهن ٿا تہ سندن رشتي جوڙڻ ۾ سندن پسند جو بہ خيال رکيو وڃي.“

گنگارام چيو، ”ضرور ضرور. اسان گوُرو کي ڏٺو آهي. منهنجي نياڻي بہ آيل آهي. توهان بہ ڪيس ڏسو ٻار بہ هڪ ٻئي کي ڏسن پسند ڪن تہ پوءِ اسين رشتي تي پنهنجي مُهر لڳايون.“

ڪرپالداس، ”بهتر آهي.“

گنگارام، ”سيٺ ڪرپالداس، وچ ۾ ڪير آهي نہ جيڪي ڳالهائڻو آهي، روبرو ڳالهائڻو آهي.“

”ڇا ٿا ڳالهائڻ چاهيو؟“

”ڏي-وٺ جي باري ۾.“

رات جو پارٽي تي ويئي. ڳوُرو جو مڱڻو تي ويو. جبلپور وارن جي
ين اڳلي ڏينهن شام جو هئي. ڪرپالداس سيٺ جي پريوار،
نشيامداس جي پريوار ۽ ڳوُرو جي دوستن جي اڳلي ڏينهن منجهند
و روٽي موڪلائي. گنگارام ڪرپالداس جو گهر، اُٽي ويهڻي ڏسي
طري ڪئي. دڪان بہ ڏسي آيس. شام جو پريوار سميت جبلپور
وانو ٿي ويو.

آرتوار صبوح جو سويل اوورنائيٽ جبلپور پهتي. اِنڊور مان آيل
همانن جي اڳواڻيءَ لاءِ گنگارام پريوار جا بہ نوجوان ۽ سندس دوست
ليٽفارم تي مؤجود هئا. گنگارام جو پُٽ سيٺ گهنشيامداس ۽ ٻين وڏن
ان پيري پيئي مليو. نوجوانن سان نمستي، هاءِ هيلو ڪانپوءِ موهن
گنگارام جي پُٽ) سيني کي هيٺ لهي ٻيهڻ جو عرض ڪيو. سامان
جي چنتا نہ ڪرڻ لاءِ چيائين.

مهمانن جي لهي ٻيهڻ ڪانپوءِ موهن ۽ سندس دوستن سامان لاهڻ
شروع ڪيو. سمورو سامان لهي وڃڻ ڪانپوءِ موهن راجيش کي چيو،
’هڪ دفعو چيڪ ڪري ڏسو ڪُجهہ رهيو تہ نہ آهي.‘‘ راجيش مٿي
ڪوچ ۾ وڃي ڏٺو ڪُجهہ رهيو نہ هو.

موهن اڳ ۾ ئي ٻن ڪولين سان ڳالهائي رکيو هو. ٻن ريهڙن تي
سامان رکي پليٽفارم کان ٻاهر وڃڻ لڳا. هڪ جٿو اُنهن جي پُٺيان
وڃڻ لڳو. موهن ۽ سندس دوست مهمانن کي وٺي ڪار پارڪنگ ۾ ويا.
سهوليت سان سيني کي الڳہ الڳہ ڪارن ۾ ويهاريائون. سامان سمورو
لوڊنگہ وئن ۾ رکيائون. سڀ هوٽل ڪالچوريءَ روانا ٿيا. هوٽل
ڪالچوري اِسٽيشن جي قريب ئي هو.

هوٽل پهتا تہ هوٽل جي ٻئرن وئن مان سامان لاهي رسپشن جي
ڀرسان رکيو. بوڪ ٿيل ڪمرن جون چاٻيون ڪٺي موهن ڏانهن نهاريائون.
موهن سيٺ گهنشيامداس جي صلاح سان ڪمرن جي ورهاست ڪئي.

چيو، ”ڪرپالداس، رات پارٽيءَ ۾ گوُرو ۽ آرتيءَ جي مڱڻي جي پڪ ڪنداسين، توهان پنهنجي طرفان جن ڪي بہ انوائيٽ ڪرڻ چاهيو ڪريو. سڀ اِنتظام ٿي ويندو.“

گنگارام چيو- ”رِنگ سيريمني ايندڙ آرتوار تي جبلپور ۾ ملهائينداسين. توهان سڀ پريوار سميت ايندا. گوُرو جا سڀ دوست پڻ ايندا. سيٺ ڪرپالداس پنهنجي جن رشتيدارن ۽ دوستن، قريبين کي وٺي اچي، سيني جو سواگت آهي. اِنهن ڳالهين ٻولهين ڪانپوءِ گهر جا ڀاتي ۽ راجيش جا دوست ڪائڻ وينا.

ڪرپالداس پريوار رات جو ملڻ جو چئي موڪلائي هليا ويا. گهر پهچي صلاح ڪري گهنشيامداس کي ٻُڌايو تہ اسانجا 50 ماڻهو ايندا. گهنشيامداس چيو، ”بهتر آهي. سمجهو تہ اِنتظام ٿي ويو.“

گهنشيامداس فون ڪري هوٽل وارن کي ٻُڌايو تہ 50 ميمبر وڌيڪ ايندا. سيڻ سان صلاح ڪري راجيش کي ناريل، مصري، ڊراءِ فروٽ ۽ مٺائي ۽ فروٽ وٺي اچڻ لاءِ چيو. راجيش نيرج ۽ جيتوءَ کي سياڳنج ناريل، مصري ۽ ڊراءِ فروٽ وٺي اچڻ لاءِ چيو. نرنجن کي مٺائي وٺي اچڻ لاءِ چيائين. خود فروٽ وٺڻ ويو.

راجيش جي ماءُ ۽ چاچي سيڻ سان گڏ سرافي وٽ سون وٺڻ ويون. لٽو ڪپڙو جيڪو نرملا کي ڏيڻ لاءِ ٺاهيو هئائون اُها ٻئي آرتيءَ جي مڱڻيءَ ۾ ڏيڻ لاءِ رکيائون.

آرتيءَ ڀاڄائيءَ کي چيو، ”گوُرو جي دوست سان منهنجي ساهيڙيءَ جو رشتو جُڙي تہ بهتر ٿيندو.“

نرملا چيس، ”ايترو جلد ممڪن نہ ٿي سگهندو، اُتي رِنگ سيريمني وقت جبلپور ايندا تہ ڏسنداسين.“

”گوُرو جا سڀ دوست ايندا تہ سهين نہ؟“

”ضرور ايندا. اِن هوندي آءٌ راجيش کي چئي ڇڏيان.“

هڪ دوست آهي نرنجن، اُهو تيار ٿي سگهي ٿو.“
ڪيئن آهي؟“
ديدي، اسين جهڙي تهڙي سان دوستي نہ ڳنڍيندا آهيون.“
منهنجو مطلب آهي شڪل شبيهہ جو ڪيئن آهي؟ مالي حالت
ن اٿن؟ جوڙي مئچ ٿيندي؟“
يدي مئچ جي باري ۾ تہ ڇوڪري ڏسڻ ڪانپوءِ ئي چئي سگهبو.
هر ڳالهہ جي آءٌ خاطري ٿو ڏيان.“
ڪٿي ڏسندءُ سِ؟“
”وقت جي ڪمي آهي، توهان هِتي وٺي اچوس. نرنجن ۽ اسين
ڏسي فيصلو ڪنداسين. آرتيءَ کي بہ وٺي اچجو.“
آرتيءَ جا سسُ سُهرو بُرو تہ نہ مڃيندا؟“
”بُرو ڇو مڃيندا؟ توهان بہ اچجو، ناستو گڏجي ڪنداسين ۽ سيني
ملي بہ وٺجو.“
”بهتر آهي. نرنجن ۽ آرتيءَ جي ساهيڙيءَ کي آمهون-سامهون
ارجو جيئن هڪٻئي کي چڱيءَ طرح ڏسي-پرکي سگهن. اسين نيڪ
بجي هوٽل ۾ ايندا سين.“
”اسين توهانجو اِنتظار ڪنداسين.“
راجيش هال ۾ جتي ناشتي جو اِنتظام هو، اُتي هڪ طرف تہ ٽيبلن
ناشتي جون الڳ الڳ ڊشون رکيون هيون. سامهون گول ٽيبلون ۽
سيون رکيون هيون. راجيش ٽن ٽيبلن تي رِزَروڊ جي تختي
رائي ڇڏي. 11 بجي هڪ ٽيبل تي گوُرو کي ويهاريو، ٻيءَ تي
جن کي. سامهون واريون ڪُرسيون خالي ڇڏيائين. ٽين ٽيبل تي
ج ۽ جيتيندر کي ويهاريائين. هڪ ڪُرسي پنهنجي لاءِ خالي
يائين.
نرملا، آرتي ۽ سندس ساهيڙيءَ سان گڏ هوٽل آئي. نيلم ۽ راجيش

مهمانن پنهنجو-پنهنجو سامان الڳ ڪيو. ٻئرن کان سامان کڻائي هرڪو پنهنجي-پنهنجي ڪمري ۾ ويو.

هر هڪ روم ۾ ڊراءِ فروٽ، بسڪيٽ، نمڪين، مٺائي ۽ بسلريءَ جون بوتلون موجود هيون. چانهه، ڪافيءَ جي مشين ۽ چانهه ڪافيءَ جو سامان پڻ موجود هئا. هر باٿ روم ۾ به ٽوال، نئپڪن، ٽوٿ پيسٽ، برش، شيمپو ۽ صابڻ موجود هو. ڪوپري جو تيل ۽ ڪوڙو تيل (سرهن جو)، بورو پلس، شيونگ جو سامان پڻ موجود هو. ضرورت جي هر شيءِ موجود هئي. ٻئرا هر ڪمري ۾ چانهه سروَ ڪري ويا.

گنگارام سگهرو گهرواريءَ سان گڏ سيٽن سان ملڻ آيو هو. رامست ڪانپوءِ ڪرپالداس کي چيائين، ”ڪمرن ۾ ڪنهن شيءِ جي ڪمي ته ناهي؟“

ڪرپالداس چيس، ”ڪائي ڪمي نه آهي. هاڻي سڀ ٻه-ٽي ڪلاڪ آرام ڪرڻ چاهيندا.“

گنگارام چيس، ”بهتر آهي. 10 بجي کان هوٽل وارا نيرن بفي سسٽم سان شروع ڪندا. اسان جا ماڻهو به موجود هوندا. نيرن کان فارغ ٿيندا ته توهان سيني کي پيزا گهاٽ گُهمائڻ وٺي ويندا. گُهمي واپس اچي لنچ گڏجي کائينداسين.“ ايترو چئي گنگارام سگهرو موڪلائي گهر روانو ٿيو. نوجوانن مان به جڻا اُتي رُڪيا باقي سڀ روانا ٿي ويا.

نيرن جي وقت آرتيءَ جي چوڻ تي نرملا راجيش سان آرتيءَ جي ساهيڙيءَ جي رشتي جي باري ۾ ڳالهائيندي چيو، ”آءٌ چاهيان ٿي تون اُن سان رشتو جوڙ.“

راجيش چيس، ”ساري ديدي، آءٌ جيستائين پنهنجي پڙهائي پوري نه ڪئي آهي، تيستائين آءٌ شاديءَ جي چڪر ۾ نه پوندس.“

”تنهنجي دوستن مان ڪوئي ٻيو؟“

”آءٌ ۽ منهنجا به دوست آءِ.اي.ايس.جي تياري ڪرڻ ٿا چاهيون،

آهي.“
اِن ۾ منهنجي ڪهڙي خطا؟ مون تہ ڪڏهن بہ لفٽ نہ ڏني
ن.“
ڪڏهن توڪيس بہ تہ نہ.“
’مون سِلسِلي ڪي اِڳتي وڌائڻ نٿي چاهيو. ناراض ٿي سهين مون
سان ڳالهائڻ نٿي چاهيو.“
’ڪهڙي خرابي آهي نرنجن ۾؟“
’تون ڇو هن ۾ دلچسپي وٺي رهي آهين؟“ ڳالهيون سُسُ پُسُ ۾
رهيون هيون. آرتيءَ چيس، ”ڪهڙو فائدو؟ خوامخواه مون
بش پئيا ڪي چيو.“
’ڇا چيس راجيش ڪي؟“
’نرنجن سان تنهنجي رشتي بابت.“
نيلم زوردار ٽهڪ ڏنو. سيني جو ڏيان نيلم ڏانهن ويو. آرتيءَ ناراض
دي چيس، ”يلي رشتو نہ جوڙيس، گهٽ ۾ گهٽ ڪل تہ نہ اڏائيس،
ا جو دوست آهي، هتي اسان جو مهمان ٿي آيو آهي.“
’ساري آرتي.“
آرتيءَ ڪُجھہ نہ چيس. بيدليو ڪاٽڻ لڳي. نيلم ڪي پنهنجي
تيءَ جو اَحساس ٿيو. سوچڻ لڳي- ’آءٌ ڇو نرنجن جي باري ۾
ارانمڪ ويچار ٿي رڪان؟ ڪنهن ڪي چاهڻ گناهہ تہ نہ آهي؟ ٿن
ن ۾ ڪڏهن بہ مونسان بيجا حرڪت نہ ڪيائين. ڪاليج ۾ ٻيون
ڪيتريون ڇوڪريون هيون، ڪڏهن ڪنهن ڏانهن بہ اک کڻي نہ
يو هئائين. مون ڪڏهن سندس چاهت جو قدر نہ ڪيو. نوبل
ليءَ جو آهي. ڪپڙا بہ سليڪي جا پائيندو آهي. شڪل صورت بہ
ي نہ اٿس، بلڪ وڻندڙ اٿس.‘ هاڻي نيلم ڪي نرنجن ۾ سڀ پلس
ٽس نظر اچڻ لڳيون.

هڪبئي کي ڏسي ڇرڪيا. پوءِ مُسڪرائي هڪبئي کي وش ڪيائون
نرملا نيلم کان پُڇيو، ”توهان هڪبئي کي سُڃاڻو؟“
نيلم چيو، ”ها ڀايي. منهنجي پڙهائي اِندور ۾ ٿي آهي. اسين
هڪ ئي ڪاليج ۾ هئاسين.“
نرملا راجيش کي چيو، ”ٻنهين کي وچي ناشتو ڪراءِ، آءٌ سيني سان
ملي اچان ٿي.“
راجيش آرتي ۽ نيلم کي ريسٽورنٽ ۾ وٺي ويو. آرتيءَ کي گوُر
جي سامهون ويهڻ لاءِ چيائين. نيلم کي نرنجن جي سامهون. نرنجن
کي ڏسي نيلم ڇرڪُ پريو. من ۾ سوچڻ لڳي- ’مردود هِتي بہ ڪڍ نٿو
ڇڏي.‘ نيلم کي ڏسي نرنجن جون واڇون ٽِڙي پيون. نيلم بي دِلي
نرنجن جي سامهون ويٺي. نيرج ۽ جيتوءَ سان هاءِ هيلو ڪيائين
نرنجن ڏانهن وري ڏٺائين بہ نہ.
نيلم جي بيرُخي ڏسي، نرنجن جي خوشي ڪافور ٿي ويئي. سوچڻ
لڳو ’اجايو آيو.‘
بئرا ٽنهين ٽيبلن تي ناشتو سروَ ڪرڻ لڳا. هرهڪ ڊش اُٿي ڪٽ
تي آيا، جنهن کي جيڪي وڻيو ٿي سو پليٽ ۾ ڪنيائون ٿي. سڀ
کائڻ ۾ مشغول هئا. نرنجن بيدليو ٿي کاڌو. آرتي نيلم کي ٺونٺ
هڻي سندس ڌيان ڇڪائي نرنجن ڏانهن اِشارو ڪري چيو، ”ڌيان
سان ڏسيس.“
نيلم موڙو ڏيئي چيس، ”ڇا ڏسانس- ٽيئي سال ڪاليج ۾ ڪوئي
ڏينهن اهڙو نہ گُذريو جو مونکي گهوري نہ نهاريو هئائين.“
”مطلب پُراڻي ڄاڻ سُڃاڻپ اٿوَ.“
”فقط اينري سُڃاڻپ، هوُ مونکي تڪيندو هو ۽ مونکي بُرو لڳند
هو.“
”اِن جو مطلب تہ هوُ ٽن سالن کان توکي دل ئي دل ۾ چاهيند

راجيش نرنجن جي پنا راڌاڪشن کي فون لڳائي چيو، ”انڪل آءٌ
لپور مان راجيش ٿو ڳالهايان، هتي گوُرو جي مٽنيءَ ۾ آيا آهيون.
ٽل ڪالچوريءَ ۾ رُڪيل آهيون. هتي نرنجن لاءِ رشتو آيو آهي،
تو تمام سُنو آهي. ڇوڪريءَ جو پيءُ ڪمشنر آهي. گهر خانداني
و، مانائتو آهي. ڇوڪري بہ سندر، سُشيل، سنسڪاريءَ گرئجوئيٽ
ي. اِندور ۾ اسان سان گڏ ڪاليج ۾ پڙهندي هئي، نرنجن چڱيءَ
ح سڃاڻيس. ٻئي رشتي لاءِ رضامند آهن. توهان اچو تہ اڄ ئي
نجن جي مٽني جي بہ رسم پوري ٿي وڃي.“

راڌاڪشن چيس، ”پُٽ راجيش، ايترو جلد اچڻ مُمڪن ناهي.
هان پڪ ڪري ڇڏيوس، مٽني جي رسم پوءِ هتي اِندور ۾ پوري
نداسين.“

”توهان جي اِجازت تہ آهي نہ؟“

”بلڪل اِجازت آهي.“

”ٺيڪ آهي، اسين نيلم جي مائٽن سان ڳالهائي پڪ ڪري ٿا
ون.“

”خوش رهو بيٽا.“

راجيش جي موبائيل جو اِسپيڪر آن هو. سڀ ڳالهہ-ٻولهہ آرتيءَ
ڏي ورتي.

لاجونتي (نرنجن جي ماءُ) راڌاڪشن کان پُڇيو، ”ڪنهن جي فون
ئي؟“

راڌاڪشن ٻڌايس، ”نرنجن جي دوست راجيش جي فون هئي.
نجن جي لاءِ تمام پلو رشتو ڏنو اٿائون، اچڻ لاءِ پئي چيائين.“

”تو ڇا چيس؟“

”چيومانس، ايترو جلد اچڻ نہ ٿي سگهندو.“

”ڪهڙو اِنسان آهين؟ هڪڙو سڪليڊو پُٽ آهي. اُن جي خوشيءَ

سڀ ڪاڻي اُٿيا تہ نيلم آرتيءَ کان پُڇيو، ''هلون واپس؟''
''مهمانن کي پيزا کِهاڻ گُهمائڻ وٺي ويندا.''
''تون بہ ويندينءَ؟''
''چوندا تہ وڃڻو پوندو. تون؟''
''تون ويندينءَ تہ آءٌ بہ هلندس. ڇا تي هلندا؟''
''ڪارن ۾.''
''آءٌ بہ ڪار ڪٽي آئي آهيان.''
''مونسان گڏ بيهو ڪير هلندو؟''
''جنهن کي تون چاهين.''
''نرنجن هلندو؟''
''پڇي ڏسيس؟''
''مونکي شرم ٿو اچي.''
''واهہ ڙي منهنجي شرميلي. جنهن وقت ڪِل تي اڏائيس، وقت تہ...''
''آرتي، آءٌ ساري ڇئي چُڪي آهيان. آءٌ پنهنجي غلطي سُڌا تي چاهيان.''
''نيڪ آهي. راجيش کي چوان ٿي نرنجن کي توسان گڏ ويهڻ چوندو.''
''مونسان گڏ نہ چئيس، فقط منهنجي ڪار ۾ اچڻ ويهاريس باقي آءٌ سنڀالي وٺندس.''
نيلم ڪار جي چابي آرتيءَ کي ڏني. خود هڪ طرف تي وين آرتيءَ راجيش وٽ وڃي سڄي حقيقت ٻڌائي. نرنجن کي نيلم ج ڪار ۾ ويهارڻ لاءِ چيوءِ چيائين، ''ڪاش! نرنجن جا ممي پپا اچ وڃن تہ نيلم ءِ نرنجن جو مڱڻو بہ اڄ ئي ٿي وڃي ها.''
راجيش چيس، ''ڇئي ڏسان ٿو، اڄڻ چاهين تہ ڪار ۾ اچي سڀهن ٿ

يونگ سيٽ ڏي نهاريو. سيٽ تي نرنجن بجاءِ نيلم کي ڏسي
راني تيس. جلد ئي پاڻ تي قابو رکي، مُنهن ڦيري کُليل دريءَ
باهر نهارڻ لڳو. ڏسي نيلم چپن ۾ مُسڪرايو. نيلم ڪار کي اڳتي
ئي مئن روڊ تي اچي ڪار جي اِسپيڊ گهٽ ڪري نرنجن جي
اطب ٿي پُڇيائينس، ”ڇا ٿو سوچين؟“
نرنجن بيخياليءَ مان چيو، ”هوُن؟“
نيلم ڪُجهه بُلند آواز ۾ چيس، ”پُڇان ٿي، ڇا پيو سوچين؟“
نرنجن خفي ٿي چيس، ”سوچيان ٿو آخر مونکان اَهڙي کهڙي
لا ٿي جو مونکي نرمدا ۾ ٻوڙڻ ٿي وني هلين؟ ٻُڏائي ٿو ڇڏيانءِ
ڪي ترڻ نہ ايندو آهي.“
نيلم زوردار ٽهاڪو لڳايو. پوءِ گنڀير ٿي چيائين، ”نرنجن اِهو
ﻫ آهي تہ تنهنجو گهورڻ مونکي سُٺو نہ لڳندو هو. مونکي اڄ ئي
ر پيئي تہ آرتي توسان منهنجو رشتو جوڙڻ ٿي چاهي.“
نرنجن اُداس لهجي ۾ چيس، ”نيلم پليز، اَهڙو مذاق نہ ڪر.
هنجي دل برداشت نہ ڪري سگهندي.“
نيلم نرنجن جي هٿ تي پنهنجو هٿ رکي دٻائي چيس، ”ڊيئر
و آءِ ايم سيريس. مون پنهنجي ممي پپا کي بہ فون ڪري ريوا مان
لپور اچڻ لاءِ چيو آهي. اسان جو مڱڻو بہ اڄ ئي ٿيندو.“
”ليڪن منهنجي ممي پاپا جي غيرحاضريءَ ۾ اسان جو مڱڻو
يئن ٿي سگهندو؟“
راجيش ممي پاپا سان ڳالهايو آهي، اُنهن پرميشن ڏيئي ڇڏي
ي.“
نرنجن نيلم جي اکين ۾ نهارڻ لڳو. نيلم پُڇيس، ”ڇا ٿو ڏسين؟“
نرنجن چيس، ”نيلم، منهنجي هٿ ۾ ڇُهندڙي پاءِ.“
”ڇو؟“

جو خيال نہ ڪيئہ؟ اڄا صبوح جا سادي يارهن ٿيا آهن. 12 بجي بہ ڪار ۾ نڪرون تہ رات جو سادي اٺين نوين بجي تائِن پهچي ويندا سين. آءٌ تياري ڪيان ٿي. توهان ڊرائيور کي سڏي چئوس تہ ڪار جي صاف صفائي ڪري پيٽرول فل ٽانڪي ڀرائي اچي.''

موهن ۽ راجيش مهمانن کي ڪارن ۾ ويهاري روانا ڪندا ويا. راجيش نرنجن وٽ وڃي چيو- ''اُٿ تہ هلون؟''

نرنجن پُڇيس، ''ڪيڏانهن؟''

''پيزا گهاٽ گُهمڻ.''

نرنجن اُداسائيءَ مان چيس، ''توهان گُهمي اچو، منهنجو من نٿو ڪري.''

''اُٿ هل، ڏوئانڏار ڏسي من خوشيءَ سان ڀرجي ويندءِ.'' نرنجن کي ٻانهن کان پڪڙي ڪار وٽ وٺي ويو. ڪار کولي ٻئي طرف سيٽ تي ويهاريائينس.

نرنجن پُڇيس، ''تون؟''

راجيش چيس، ''آءٌ سيني کي روانو ڪري اچان ٿو.''

نرنجن بيمنو ڪار ۾ ويٺو رهيو. اِن وچ ۾ نيلم ريوا ۾ پيءُ کي فون لڳائي چيو، ''ڊئڊي ارجنٽ آهي، توهان مميءَ سميت جبلپور لاءِ روانا ٿيو.''

ستيش ڪمار (نيلم جي پيءُ) پُڇيس، ''بيٽي آهي تہ سُکہ نہ؟ ممي پاپا ٺيڪ آهن نہ؟'' نيلم چيس، ''سڀ ٺيڪ آهي، توهان کي هتي اچي هڪ نهايت اهم ذميواري پوري ڪرڻي آهي.''

''پُٽ صاف صاف ٻُڌاءِ ڇا ماجرا آهي؟''

''توهان جلد روانا ٿيو، باقي هِتي.''

نيلم فون ڪٽ ڪري ڇڏي. نيلم ڪار وٽ اچي ڊرائيونگہ سيٽ تي ويٺي. نرنجن بيخيالو ويٺو هو. نيلم ڪار اِسٽارٽ ڪئي. نرنجن

”پر پُٽ، ستيش ۽ پريا جي غير حاضريءَ ۾ اِهو ڪيئن ممڪن
ٿيندو؟“
”ڏاڏي انڪل آنٽي اچي رهيا آهن. نيلم فون ڪري ڇڏي اٿن.“
”ڇوري سڀ ڪُجهہ پاڻ ٿيون طيءِ ڪريو. پوءِ اسان جي ڪهڙي
ضرورت؟“
”ڏاڏي سڀ ڪُجهہ اچانڪ سُجهيو. توهان کي اِنڪري گُهرايو آهي،
سڀ ڪُجهہ توهان جي پرميشن سان ٿيندو.“
”پر بہ تياري تہ ڪرڻي پوندي نہ؟“
”ڏاڏي، نيلم منهنجي ڀيڻ آهي. رات جي پارٽيءَ جي پوري
تياري ٿي ويئي آهي. توهان کي فقط آشيرواد ڏيڻو آهي.“
ريسٽورنٽ جي هال ۾ لنچ چالو هئي. هوٽل جي ٻن ڪمرن ۾ ڊرنڪ
ٿلي رهي هئي. ويٽر سروَ ڪري رهيا هئا. گنگارام گوڪلداس (نيلم
جي ڏاڏي) کي بہ وني وجي سيٺن سان گڏ ويهاريو. واقفيت ڪرائي
کيس ڊرنڪ ۾ شامل ڪيو.
لنچ ڪانپوءِ گوڪلداس سگهرو گهر روانو ٿيو. رستي ۾ سندس
گهرواريءَ ڪرشنا کيس نيلم جي رشتي جي باري ۾ ٻُڌايس. اِهو بہ
ٻُڌايائينس تہ ستيش ۽ پريا بہ اچي رهيا آهن. ڪلاڪ ڪن ۾ پهچي
ويندا. اِهو بہ ٻُڌايائينس تہ ڇوڪرو ڏسي آئي هئي. نيلم جي مڱڻي
جي رسم بہ اڄ ئي ٿيندي.“
گوڪلداس چيس، ”بنا جاچ پڙتال جي اسين ڪيئن ها ڪريون.
نيلم کي پسند آهي تہ اسان ڇو رُڪاوٽ بڻجون. اِندور ڪاليج ۾ گڏ
پڙهيا آهن.“
رات جو خالي هٿين ڪيئن هلبو. تياري تہ ڪرڻي پوندي.“
”اچي ٿو نہ ستيش، پاڻ ئي متي ماري ڪندو. تون ڇو ٿو پريشان
ٿين.“

”ڏسڻ ٿو چاهيان، محسوس ڪرڻ ٿو چاهيان ڪٿي آءٌ خواب تہ نٿو ڏسان؟“

نيلم جُهڪي پنهنجا چپ نرنجن جي هٿ تي رکيا. نرنجن پنهنجي هٿ تي جتي نيلم پنهنجا چپ رکيا هئا، پنهنجا چپ رکي هٿ کي چُميو.

نيلم ڪار اِسٽارٽ ڪري اڳتي وڌائي. پيڙا گهاٽ پهچي ڪار پارڪ ڪري گهاٽ تي پهچي هڪ بوٽ ڪرائي تي وٺي ملاح کي ڏٺان ڏار هلڻ لاءِ چيائين. ناوڪ بوٽ اڳتي وڌائي. بوٽ ۾ فقط بہ ئي ڄڻا هئا. بوٽ ٻين ٻيڙين جي مقابلي تکڙي هلي رهي هئي. جڏهن نيلم جي بوٽ آرتيءَ جي بوٽ کي ڪراس ڪيو تہ ٻنهين کي بوٽ ۾ اڪيلو ڏسي آرتي مُسڪرائڻ لڳي. نرنجن جا دوست بہ حيران هئا.

راجيش آرتيءَ کي موبائيل تي فون ڪري چيو تہ، ”نيلم جي گهر وارن کي لنچ تي انوائيٽ ڪري.“

آرتيءَ چيس، ”آءٌ بہ اِهو ئي سوچي رهي آهيان.“

سڀ مهمان گُهمي ڦِري واپس موٽيا. نيلم نرنجن کي بزار ۾ هڪ جويلر جي دڪان تي وٺي ويئي. نرنجن جي آڱر جي ماپ جي هڪ سُٺي مُنڊي خريد ڪئي. نرنجن بہ نيلم جي ماپ جي هڪ هيري جڙيل مُنڊي خريد ڪئي. ٻئي واپس ڪالچوريءَ هوٽل پهتا. لنچ جو پروگرام بہ هوٽل ۾ ئي هو. لنچ ٽائيم تي نيلم جو ڏاڏو ڏاڏي بہ آيا. اُتي پهچي نيلم جي ڏاڏيءَ پُڇيس، ”هي سڀ ڇا آهي؟“ نيلم ٻُڌايس، ”گرانڊ مما اڄ آرتيءَ جي مڱڻي آهي. مهمان اِنڊور کان آيا آهن. رات جي پارٽي هوٽل وجيہ محل جي گارڊن ۾ آهي. توهان کي رات جو بہ پارٽيءَ ۾ اچڻو آهي.“

آرتيءَ چيس، ”ڏاڏي، آءٌ چاهيان ٿي، اڄ نيلم جو بہ مڱڻو ٿئي، رشتو تمام سُٺو آهي، ڇوڪرو توهان کي ڏيکاريان ٿي.“

تيءَ جي پرسان وچي ويٺي. ڪئميرا ۽ مووي ءَ جو رُخ اِسٽيج تي اِن
رف هو. گؤرو آرتيءَ کي، آرتيءَ گؤرو کي مُنهن ۾ پاتي. ڪئميرا
اتار حرڪت ۾ هئا. پوءِ پنهنجي گڏجي ڪيڪ ڪٽيو. هڪ ٻئي کي
يڪ کارايائون. پوءِ ڪُجهه دير ڪيڪ کائڻ کارائڻ جو سلسلو جاري
يو. آرتيءَ جا رشتيدار اِسٽيج تان لهي ويا. نرنجن ۽ نيلم پنهنجي
گهه تي وڃي ويٺا. راڌا ڪشن ۽ لاجونتي اِسٽيج تي وڃي نرنجن
ي قريب ويٺا. نيلم جو ماءُ پيءُ ۽ ڏاڏو ڏاڏي ۽ آرتي نيلم جي
ريب ويٺا. گؤرو سميت، باقي دوست نرنجن جي قريب ويٺا.
ڪئميرائن جو رُخ اُنهن طرف هو. نرنجن ۽ نيلم هڪ ٻئي کي مُنهن
تي. گڏجي ڪيڪ ڪٽيائون. ڪُجهه دير ڪيڪ کائڻ - کارائڻ جو
لسلو جاري رهيو. پوءِ سڀ اِسٽيج تان هيٺ لهي ويا. هڪ ويٽر ٻئي
چيل ڪيڪ ڪٽي ويو. ڪيڪ ٽڪرا ٽڪرا ڪري هڪ اِسٽال تي
کيائين. اِسٽيج تي ڪائي ڊي-وڻ نه ٿي. اِن لاءِ ڪرپالداس ۽
ذاڪشن منع ڪري ڇڏي هئي. گنگارام سيني سيٺن کي هوٽل جي
ڪ ننڍي هال ۾ وٺي ويو. جتي سيني جي هڪ دفعو وري واقفيت
ڪرائي ويئي. اُن کانپوءِ ڊرنڪ شروع ڪئي ويئي.
پارٽي دير رات جو 12 بجي تائين هلي. اُن کانپوءِ مهمان هوٽل
ڪالڇوريءَ روانا ٿيا. باقي سڀ پنهنجي پنهنجي گهر.
ناشتو هوٽل وارن کي ئي ڏيڻو هو. لنچ نيلم جي پيءُ ستيشڪمار
ت. سڀ بيفڪر ٿي سُمهيا. صبوح جو دير سان اُٿيا. اُٿڻ سان چانهه
لين. سڀ تيار ٿيڻ لڳي ويا. نيرن تيار مليا. نيرن ڪائي سڀ
نهنجي ڪمري ۾ وڃي سُسنائڻ لڳا.
پنج ئي دوست راجيش جي ڪمري ۾ گڏ ٿيا. جينوءَ چيو- ”اڄ
2 مارچ ٿي ويئي. سُباڻي 26 مارچ. ڪڏهن نڪرنداسين، ڪڏهن
وهاٽي ۽ گوهاٽيءَ کان ايٽانگر هلنداسين.“

ڏير شام جو تيار ٿي سڀ مهمان هوٽل وڃڻ لاءِ روانا ٿيندا ويا. ڪمرا سڀ لاڪ ڪيا ويا. جنهن وقت راڌا ڪشن ۽ للجونتي هوٽل ڪالچوريءَ ۾ پهتا ته اُتي ڪير به نه هو، خبر پيئن پارٽي هوٽل وڃڻ محل ۾ آهي. ائڊريس پُڇي ڊرائيور کي وڃڻ محل هلڻ لاءِ چيائون. ڊرائيور موبائيل ۾ رستو ڏسندو هوٽل وڃڻ محل پهتو. ڪار پارڪنگ ۾ بيهاريائون. ضروري سامان ڪار ۾ ئي رهڻ ڏنائون. ڊرائيور کي اُتي ئي رُڪڻ لاءِ چيائون. هوٽل جي گارڊن ۾ پهتا ته اُتي پارٽي هلي رهي هئي. آرڪيسٽرا تي مڌر ڌُن وڄي رهي هئي. اِسٽيج تي هڪ طرف گوُرو ۽ آرتي ويٺا هئا. ٽيبل تي ڪيڪ رکيل هو. ٻرسان ئي نرنجن ۽ نيلم ويٺا هئا. اُنهن جي ٻرسان به هڪ ٽيبل تي ڪيڪ رکيل هو. رنگ سيريمنيءَ جي رسم اڃا شروع نه ٿي هئي.

نيلم کي ڏسي للجونتيءَ جا نيڻ ٺري پيا. پاڻ کي روڪي نه سگهي. اِسٽيج تي وڃي گلي مان هار لهي نيلم جي گلي ۾ پاتائين. نيلم جو مُنهن ٻنهين هٿن ۾ جهلي مٿو چُميائينس. ماءُ پيءُ کي آيل ڏسي نرنجن جي خوشيءَ جو ٺڪاڻو نه رهيو. اُٿي ماءُ کي پيري پيو. نيلم به اُٿي جُهڪي پيري پيس. فوٽوگرافر حرڪت ۾ آيا، فلش لائيٽ چمڪندي رهي. مووي ڪئميرا جو رُخ به للجونتي، نرنجن ۽ نيلم طرف ٿيو. اُتان تي للجونتي آرتيءَ وٽ ويئي. گوُرو ۽ آرتي به جُهڪي پير ڇُهيس. ٻنهين کي آشيرواد ڏيئي پرس مان ٻِي هزار وارا به نوٽ ڪڍي هڪ آرتيءَ کي هڪ گوُرو کي ڏنائين. سڀني جو ڌيان للجونتيءَ طرف ويو. ڪئميرا جو فوڪس به للجونتيءَ تي هو. ڪُجهه دير ڪانپوءِ للجونتي هيٺ لهي وڃي سڀني سڄاڻن سان ملي. گهوٽ جي ٻرسان وڃي ويهي رهي.

ٿوري دير ڪانپوءِ گوُرو ۽ آرتيءَ جا مائٽ، گوُرو جا دوست اِسٽيج تي وڃي اِرد-گرد بيٺا. نرنجن به گوُرو جي قريب وڃي بيٺو. نيلم

ڪ بجي هڪ چارٽرڊ بس اچي هوٽل ڪالچوريءَ جي پارڪنگ ۾
ي. موهن، آرتي ۽ نيلم مهمانن کي وٺڻ آيا هئا. اڌ ڪلاڪ ۾ سڀ
تي گوڪلداس جي بنگلي ڏانهن روانا ٿيا. بنگلي ۾ به وڏا هال
هڪ ۾ مردن ۽ ٻئي ۾ زائفائن جي ويهڻ جو اِنتظام ڪيو ويو هو.
ي ويج ليڪن پيڪيدار هئي. موڪلائڻ وقت نيلم جي پيڪن
ل، مصري ۽ پيو جيڪو ٿيندو هو سو ڏنائون. ڊرائيور کي ٻه وگو ۽
خرچي ڏنائون. نرنجڻ ۽ سندس دوستن کي فل سوٽ ۽ به به هزار
جي ڏنائون. دوستن وڳو ته قبول ڪيو، خرچيءَ وارو لفافو سيني
ر کي ڏنو.

ستيش ڪمار، راڌاڪشن ۽ لاجونتيءَ جي ٽڪيٽ تتڪال ۾ اي.سي.
چ ۾ رِزرو ڪرائي، ڪار ڊرائيور جي حوالي ڪيائون. رات جي ڊنر
انتظام گنگارام هوٽل ڪالچوريءَ ۾ ئي ڪيو هو. اُن ۾ نيلم ۽ اُن
يڪا به شامل ٿيا.

رين دير رات جو هئي اِنڪري پارٽي دير سان شروع ڪئي وئي.
يشن پرسان ئي هئي. سيني لگيج پيڪ ڪري رکيو هو.
پامداس ڊرنڪ وقت اِنڊور مان آنڊل پاپڙ ۽ نمڪين به موهن کي
ويٽر نمڪين پليٽن ۾ ڪٽي آيا. پاپڙ به سيڪائي ڪٽي آيا. اُن
گڏ هوٽل جا سنيڪس پڻ هئا.

ادي 10 بجي ڊنر ختم ٿيو. مٿان آئيسڪريم سروَ ڪئي وئي.
ين 11 بجي سڀ اِسٽيشن روانا ٿيا. ٽرين پليٽفارم تي لڳي
ي هئي. هرڪو پنهنجي سامان سميت پنهنجيءَ پنهنجيءَ برٿ
ويو. ٽرين جو ٽائيم ٿيڻ وارو هو. سيٺن هڪٻئي کان موڪلايو.
ي ۽ نيلم به سيني کان موڪلايو. ڪرپالداس موهن کي ڊرائيور
پارٽ ڪئي ۽ وقت تي روانو ڪرڻ لاءِ چيائينس. ٽرين رواني ٿي.
پنهنجي-پنهنجي گهر روانا ٿيا. موهن راڌيشيام جي ڊرائيور

نيرج چيس، ”اڏير نہ ٿيءُ. 27 صبوح جو فلائيٽ ۾ دهلي، دهليءَ کان گوهاٽي روانا ٿينداسين. 27 مارچ جو ئي گوهاٽيءَ کان ايٽانگر دير شام جو شتابدي ايڪسپريس ۾ ايٽانگر 9.40 تي پهچنداسين. ايجنٽ کي فون ڪري چوان ٿو پنجن ئي جي سيٽ بوڪ ڪرائي ڇڏي.“

نرنجن چيس، ”ٽيم ۾ نيلم ۽ آرتيءَ کي بہ ڇو نہ شامل ڪيون؟“

نيرج چيس، ”هڪڙو ڪم ڪيو. گؤرو ۽ تون اڄ ئي ڦيرا پائي ڇڏيو. پوءِ هنيمون هلي اروڻاچل ۾ ملهائجو.“

نرنجن چُپ رهيو. نيرج اِندور ايجنٽ کي فون لڳائي پروگرام مطابق رزرويشن ڪرائڻ لاءِ چيو.

راجيش چين، ”هاڻي؟“

نيرج چيس، ”هاڻي تنهنجي حوالي آهيون. جتي وٺي هلين.“

راجيش چيس، ”گُهمڻ جون جڳهيون سڀ پري پري آهن. بزار هلڻ چاهيو تہ هلي چڪر لڳائي اچون.“

بزار مان ڪائي خريدي ڪرڻي هجيوَ تہ يلي هلو.

راجيش چين، ”انڊير ديو ۾ لکنؤ ايمپوريم آهي اُتي چڪن جا ڪُڙتا ۽ سلوار، سوٽ سُنا ملندا آهن، خريداري ڪرڻي هجيوَ تہ هلون.“

نرنجن چيس، ”هلو تہ ڪُجهہ سلوار سوٽ خريد ڪريون.“

جيتوءَ چيس، ”مس مس نيلم پسند ڪيو اَٿي. تنهنجي ردِي پسند تي وري نہ موڊ اُکڙي وڃيس.“

نرنجن چيس، ”مونکي پسند ڪيو اَٿائين تہ منهنجي پسند بہ پسند ڪندي.“

گؤرو، ”هلو، ڪلاڪ کن چڪر لڳائي ٿا اچون.“

پنج ئي دوست ڪار بجاءِ ٽن رڪشائن ۾ روانا ٿيا.

وائي جهاز صبوح جو 8 بجي دهلي ايئر پورٽ پهتو. گوهاٽيءَ جي
ٽ صبوح جو 11.30 بجي هئي. اڍائي بجي گوهاٽيءَ پهچڻي
. گوهاٽيءَ کان شتابدي ايڪسپريس منجهند جو 3.50 تي هئي.
ن بلڪل گهٽ هئي. اگر فلائيٽ ليٽ ٿي ته شتبادي‌ءَ جون
ڪشن مس ٽيڻ جو پورو چانس هو ليڪن فلائيٽ پوري وقت تي
ٽيءَ پهتي. جهاز مان لهي سامان سنڀالي ٽئڪسيءَ ڪري اسٽيشن
. شتابدي رواني ٿيڻ واري هئي. پنج ئي دوست جلدي پنهنجي
ڪوچ ۾ وڃي چڙهيا مس ته ٽرين هلڻ شروع ڪيو. پنهنجي
ٽ تي پهچي لگيج ٺاهي رکيائون. ڪوچ جي هڪ طرف ٽي سيٽون
ي طرف ۾ سيٽون هيون. هڪ طرف گؤرو، نرنجن ۽ جيتيندر
ٻئي طرف نيرج ۽ راجيش ويٺا. سندن پٺيان واريءَ سيٽ تي ٻه
وان ڇوڪريون ويٺيون هيون. ڇوڪرين جي ٻولي ٻولهه نيرج جو
ن ڇڪايو. هڪ چئي رهي هئي، ”سنڌي ٿا لڳن.“
ي، ”ته؟“
هرين، ”ديش جي دور دراز علائقي ۾ ٿا رهون، اُتي اگر ڪوئي
ي نظر اچي ته من ۾ اُڪير ته جاڳندي نه؟“
”اُڪير مطلب؟“
”حب.“
”حب مطلب؟“
”سِڪ.“
”سِڪ مطلب؟“
”قرب.“
”مطلب، پيار، عشق، محبت؟ سوچ ذرا پنج پانڊوَ اَٿي، دروپدي
ڻ جو اِرادو اَٿيِ؟“
”لعنت اَٿيِ رِڇا، اَهڙي بيهودي زبان ڪڏهن کان ٿي ويئي اَٿيِ؟“

ڪي هوٽل ڪالڇوريءَ ڇڏيو. اُن ڪي هڪ روم ۾ ترسايو ويو. موهن
مئنيجر کي چيو، ”صبوح جو ڊرائيور کي چانهه ناشتو سروَ ڪر
روانو ڪجو.“

موهن گهر وڃڻ جو سوچيو. پر ڪُجهه سوچي اُتي ئي رُڪيو. گ
فون ڪري ٻُڌائي رکيائين. صبوح جو ڊرائيور کي ناشتو ڪارائي رستن
لاءِ پارسل تيار ڪرائي ڏنائينس. پيٽرول جي ٽانڪي فُل ڪرائي
ڏنائينس. ڊرائيور کي روانو ڪري گهر وڃي پنهنجي ڪمري ۾ ليٽ
پيو. ٿڪاوٽ سبب گهِري ننڊ اچي ويس.

گهنشيامداس فون ڪري منيب کي اچڻ جي خبر ڏيئي ڇڏي
هئي. منيب ڊرائيور کي اِسٽيشن تي پهچڻ جي خبر ڏني هئي.
نيرج ۽ جيتيندر به پنهنجي-پنهنجي ڪار گهرائي هئي. صبوح
9.30 بجي اوورنائيٽ پليٽفارم تي ٽچ ڪيو. سڀ ٽرين مان هيٺ
لٿا ڪولين کان سامان کڻائي ٻاهر آيا. گهنشيامداس گهرواريءَ سميت
پنهنجي ڪار ۾ روانو ٿيو. هڪ ڪار ۾ نيرج، نرنجن ۽ سندس ماءُ
پتا کي ويهاريو. ڪُجهه سامان ڪار جي ڊڪيءَ ۾ رکائي روانا ٿيا.
جيتيندر پنهنجي ڪار ۾ گوُرو ۽ گوُرو جي ماءُ پيءُ ۽ ڀاءُ کي ويهاري
ڊڪي سامان سان ڀريائون. باقي سامان هڪ ٽئڪسيءَ ۾ رکائي اُن ۾
راجيش روانو ٿيو. ٻنهين پريوارن کي سندن گهر ڇڏيو. جيتو راجيش
کي سندس گهر ڇڏي پنهنجي گهر روانو ٿيو. نيرج راجوءَ جي ڊرائيور
کي ٽئڪسيءَ ۾ ويهاري خود پنهنجي ڪار ۾ گهر روانو ٿيو. سڀ سُک
سان پنهنجي پنهنجي گهر ٽانئيڪا ٿيا.

صبوح جو دهليءَ جي فلائيٽ 6.30 تي هئي. شام جو سيني دوستن
پوري تياري ڪري ڇڏي. اِهو طيءِ ٿيو تہ نيرج جو ڊرائيور جيتيندر
۽ نرنجن کي گهران وٺي ايئرپورٽ پهچندو. صبوح جو 5 بجي گهران
نڪري 5.30 تي ايئرپورٽ پهچندا.

’’ٻُرو مچڻ جو سوال ئي نٿو اُٿي. توهان جي دوست خوشمزاج ٿي
ي.‘‘
’’ڌيان رکجو، ڏاڍي تيزي سياوَ جي اَٿوَ.‘‘
’’اَسين تہ پرديسي آهيون. ڌيان تہ اسان جو توهانکي رکڻو پوندو.
ر ناهي تہ ناهرلاگون اِستيشن کان ايتانگر گهٽو پري آهي ۽ اُتي
ڻ لاءِ ڪهڙو هوٽل بهتر ٿيندو؟‘‘
رِچا چيو، ’’نو پرابلم، سڀ اِنتظام ٿي ويندو.‘‘
رِچا موبائيل ڪڍي هڪ نمبر لڳايو. رسيوَ ٿيڻ تي چيائين، ’’انڪل،
ن رِچا بول رهي هون.‘‘
ٻئي طرف کان، ’’بولو بيٽي، ڪوئي پرابلم؟‘‘
’’هماري سات پانچ دوست وهان آرهي هئن، ايڪ تو هوٽل رائيزنگ
ن ۾ اُنڪي ليئي رومس بوڪ ڪرالين اؤر اِستيشن پر ليني دو ڪار
ڀيجين.‘‘
’’هو جائيگا.‘‘
نيرج چيس، ’’ڪنهن کي فون ڪيو؟ سنڌي تہ نٿي لڳو؟‘‘
رِچا، ’’گجراتي آهي. نالو اَٽس روشن مهتا. اسان جي چانهہ جو
سٽاڪسٽ آهي.‘‘
’’توهان جو چانهہ جو وڏو ڪاروبار آهي؟‘‘
’’ميگهاليہ ۾ اسانجو ٽي-گاردن آهي، گهر شلانگہ ۾ آهي، توهان
ڀهو ٿڪجي پوندا.‘‘
’’آءٌ ٺيڪ آهيان، توهان تڪليف نہ ڪريو.‘‘
اَدتيءَ چيو، ’’ٻئي طرف ٻئي سيٽون خالي آهن اُتي ٿا هلي
ويهون.‘‘
ٻئي اُٿي اُن طرف ويون. ڪڙڪيءَ جي پرسان نيرج ويٺو. وچ ۾ رِچا
سائيڊ ۾ اَدتي. ڳالهہ ٻولهہ جو سلسلو جاري رکندي نيرج چيو،

”يار اَدتيءِ ڪِل مذاق جو بُرو ٿي مڃين؟“
”اَهڙي بيهودي مذاق؟“
”ڪائي ڳالهہ ناهي، هِتي ڪُنتي موجود ناهي. اِنهن ۾ تنهنجي
ارجن ڪير آهي؟“
”هاڻي بس بہ ڪر.“
”يار، ٻوٽ پڏي ويهنداسين تہ سفر ڪيئن ڪٽبو؟“
”آءٌ بہ ناول ڪڻي آئي آهيان هڪ توکي ٿي ڏيان، پڙهندي هل
وقت ڪٽجي ويندو.“
”اَدتي توں بہ عجيب آهين؟ اسين انجواءِ ڪرڻ آيون آهيون يا
بور ٿيڻ؟“
”تہ؟“
”پانڊوَن سان دوستي وڌاءِ، ڳالهين ٻولهين ۾ وقت ڪٽجي
ويندو.“
”اُتِ، ڪر پهل.“
”اِهو نيڪ ڪم توں ئي ڪر.“
نيرج اُٿي ٻنهين وٽ ويو. چيائين، ”اِها شروعات آءٌ ئي ٿو ڪريان
منهنجو نالو نيرج آهي، جيڪو منهنجي پر سان ويٺو آهي اُن جو نالو
راجيش آهي. ٻي روم ۾ دريءَ جي پر سان گوَرو، وچ ۾ نرنجن ۽ سائيڊ ۾
جيتيندر اسين اِندور کان اروڻاچل گهمڻ آيا آهيون. اسين هفتو اڳ
اچڻ وارا هئاسين ليڪن بہ ڏينهن اڳہ گوَرو ۽ نرنجن جو مٽڻو ٿيو
اڄ صبوح جو اِندور کان روانا ٿي هتي پهتا آهيون.“
رِچا چيو، ”ايترو دور دراز علائقي ۾ باقي ٿيئي پنهنجي مئي
تلاش ڪرڻ آيا آهيو؟“
اَدتيءَ چيو، ”توهان رِچا جي چوڻ جو بُرو نہ مڃجو. مذاق ڪرڻ
جي عادت اَٿس.“

''توهانجي ڏئڏيءَ جو نالو بہ ٻي اکر تي هوندو؟''

''ها، ڏئڏيءَ جو نالو بہ برجلعل آهي.''

''پوءِ تہ توهانجي ڏئڏيءَ بي اکر جو ٽريڊ مارڪ رجسٽريشن
ايو هوندو؟''

اُدتيءَ کلي چيس، ''منهنجو نالو اُدتي آهي.''

''هئڻ تہ بندوُ کپندو هو؟''

''بندوُ منهنجي مميءَ جو نالو آهي.''

''توهانجي رِچا سان ڪڏهن کان دوستي آهي؟''

''ٽي سال ٿيا آهن. فرسٽ ييئر کان شروع ٿي هئي. هن سال فائينل
بو آهي.''

''توهان اينتري صاف سنڌي ڪيئن ٿيون ڳالهائي سگهو؟''

''منهنجو ڏاڏو اِن باري ۾ ڏاڍو سخت هو. گهر ۾ سنڌ وارو پورو
حول هوءَ آهي. سڀ ڏڻ وارءَ ريتيون-رسمون ملهائيندا آهيون. رِچا
منهنجي سنگہ ۾ رهي سنڌي ڳالهائڻ سکي ويئي آهي. توهان جو
ر هر سال صاف صفائي ۾ پوري ڀارت ۾ پهريون نمبر ٿو اچي. هڪ
ال قائم ڪيو اٿائين؟''

''اِن ۾ اِندور جي ميئر ءَ آفيسر اهم يومڪا نباهي آهي. شهرن بہ
رو سهيوگہ ڪيو آهي ءَ ڪندا رهن ٿا.''

''ڪافي خوبصورت هوندو؟''

''توهان جهڙو، آءِ مين توهانجي پوُروانچل جهڙو خوبصورت تہ
آهي. هِتي قُدرتي سونهن بي‌مثال آهي. اِندور جي آس پاس
بصورت جڳهين جي ڪميِ نہ آهي. اِندور واسي مهمان نواز، کاڌي
ني جا بيحد شوقين آهن، ڪڏهن اچو اِندور گُهمڻ.''

''موقعو مليو تہ ضرور ايندا‌سين.''

''جڏهن بہ اچو، اسان جا مهمان ٿي اچجو. توهان منهنجو نمبر

”ڪڏهن کان اَتي تِي گارڊن؟“

”چند سال ٿيا آهن. ڪُجهہ سال اڳ ڪميونسٽن تي-گارڊنس ۾ ليبر کي ڀڙڪائي ليبر پرابلم ڪڙي ڪئي هئي. هڪ مارواڙيءَ پنهنجو ٽِي-گارڊن وڪڻڻ چاهيو. ڏئڊيءَ خريد ڪيائون.“

”اهڙي ٽربل جي ماحول ۾ گارڊن خريد ڪيائون؟“

”سستو ملي وين. ٽي-گارڊن خريد ڪرڻ کانپوءِ ڏئڊي ڪم ڪرڻ وارن مزورن وٽ وياءِ کين چيائون- هاڻي توهان مزور نہ آهيو، منهنجا ورڪنگہ پارٽنر آهيو. جيتري پڳهار هر مهني توهان کي ملندي هئي، اوتري توهان کي هر مهني ملندي، سال جي آخر ۾ جيڪا ڪمائي ٿيندي اُن ۾ اڌ توهان جو، اڌ منهنجو. مزور خوش ٿي ويا، وڌيڪ محنت سان ڪم ڪرڻ لڳا. هر سال کين وڌيڪ حاصل پراپت ٿي رهيو آهي، ڏئڊيءَ کي بہ سُٺي ڪمائي ٿي رهي آهي.“

”سيڙپ تہ وڏي ٿي هوندوَ؟“

”ڪُجهہ موڙي ڏئڊيءَ پنهنجي لڳائي، باقي بئنڪ کان فائنانس ڪرايائون.“

نيرج اَدتيءَ کان پُڇيو، ”توهانجي ڏئڊيءَ جو گوهاٽيءَ ۾ ڪهڙو ڪاروبار آهي؟“

اَدتيءَ ٻُڌايس، ”اسان کي بي.بي.سي......“

”هڪ منٽ، بي.بي.سي. لنڊن بي.بي.سي. براڊڪاسٽنگہ ڪارپوريشن آهي، توهان وٽ اُن جي آئوٽ ليٽ آهي ڇا؟“

اَدتيءَ کلي چيس، ”اسان جي ڪنسٽرڪشن ڪمپني آهي. منهنجي ڏاڏي جو نالو ٻُلنڊراءِ، پرڏاڏي جو نالو باشومل، سرنيم چئناڻي آهي. ان نالي سان ڪمپنيءَ جو نالو بي.بي.سي. ڪنسٽرڪشن ڪمپني آهي. ڪمپنيءَ جي آسام ۽ ميگهاليہ ۾ سُٺي گُڊول آهي. ٺيڪي ملڻ ۾ اسان جي ڪمپنيءَ کي اڳرائي ملندي آهي.“

ج سڄر جو پئڪيٽ کولي ٻنهي جي پليٽ ۾ ٿورو ٿورو پيٽيو. پوءِ
ي چئني دوستن کي ڪاجو ڪتلي ۽ سڄر ڏنائين. پئڪيٽ ۽ باڪس
و سامان جهولي ۾ رکي، ڪاجو ڪتلي ۽ سڄر کائي، پاڻي پي،
ي پليٽون هڪ پنيءَ ۾ وجهي پني وچي واش بيسن جي هيٺان
يٽ باڪس ۾ رکيائين.
رچا اَدتيءَ کي چيو، ”واقعي اِندور جي ٽيسٽ تعريف جي قابل
ي.“
نيرج پنهنجي سيٽ تي وڃڻ لڳو. اَدتيءَ چيس، ”اچو ويهو نه.“
”اچان ٿو.“ چئي نيرج راجيش وٽ وڃي ٻڌايائينس، اِسٽيشن
ايٽانگر وٽي وڃڻ لاءِ ڪار ايندي، هوٽل رائيزنگ سن ۾ روم بوڪ
ويا آهن. اسان وٽ باقي مارچ جا چار ڏينهن آهن، اِنهن چئن ڏينهن
گهمڻ جي پلاننگ ڪرڻ لاءِ پُنيان ٿو وڃان. تون اِها خبر ٽنهين کي
اءِ. نيرج واپس اَدتيءَ وٽ ويو. اُتي وڃي چيائين، ”توهان سان
وري صلاح ڪرڻي آهي.“
اَدتيءَ رِچا کي چيو، ”تون هڪ طرف هٽي وڃ، وچ ۾ نيرج کي
هڻ ڏي.“
رچا چيس، ”توهان آرام سان ويهي صلاح ڪريو، آءٌ پنهنجي سيٽ
تي وڃان.“
نرنجن چيس، ”بُرو لڳو؟“
رِچا اُٿي ڪر موڙي چيو، ”بُري مڃڻ جهڙي ڳالهه ناهي، آءٌ ٿورو
بڪس ٽيڻ تي چاهيان.“ رِچا اُٿي ٻئي طرف پنهنجي سيٽ تي
ي ويئي. ٽنگون ڦهلائي اکيون ٻُوٽي ويهي رهي.
نيرج اِطمينان سان ويهي رهيو. اَدتيءَ پُڇيس، ”چا ٿا چوڻ
هيو؟“
”اَدتي اسان وٽ فقط مارچ جا چار ڏينهن آهن. اروڻاچل جون ڪي

سيوَ ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجو موبائيل نمبر مونکي ڏيو.“
ٻنهين هڪٻئي جو نمبر سيوَ ڪري ورتو. نيرج رِچا کي چيو، ”توهان به پنهنجو نمبر ڏيو.“
رِچا چيس، ”هڪ مياڻ ۾ هڪ ئي تلوار رهڻ ڏيو.“
نيرج چيس، ”ٻيو مياڻ به موجود آهي.“
”ضرورت پوڻ تي تلوار خود ئي مياڻ وٽ پهچي ويندي.“
نرنجن چيس، ”ڳالهائڻ جو سلسلو پورو ٿيو هجي ته ڪُجهه کائڻ جي باري ۾ سوچيون.“
اَدتيِ ۽ چيس، ”لڳي ٿو توهان جي دوستن کي بُک لڳي آهي.“
”هلو، توهان به ڪمپني ڏيو.“
”اسين دير سان ڪائي نڪتيون آهيون، هاڻي ايتانگر ئي هلي کائبو.“
نيرج اُٿي پنهنجي سيٽ تي ويو. هُڪ مان هِڪُ جهولو لاهي پنهنجي سيٽ تي رکيائين، اُن مان هڪ پارسل ڪڍيائين. جهولي مان ڊسپوزل پليٽون ڪڍي هڪ هڪ پليٽ ۾ گهران آندل بصر واريون ٻه ڪوڪيون رکيائين، هڪ هڪ پاپڙ رکي ٽنهين دوستن کي ڏيئي آيو.
ٻين ٽئن پليٽن ۾ هِڪَ هِڪَ ڪوڪي ۽ پاپڙ رکيائين. هِڪَ پليٽ راجيش کي ڏنائين، ٻه پليٽون کڻي اَدتيِ ۽ رِچا ڏي ويو.
اَدتيِ ۽ چيس، ”اسان کي بُک ناهي.“
”ڪائي ڳالهه ناهي، ٿورو ٽيسٽ ڪريو.“
ٻنهين کي هِڪَ هِڪَ پليٽ ڏيئي پاڻ پنهنجي سيٽ تي وڃي ويهي کائڻ لڳو. ڪوڪي کائي پاڻي پيِ، جهولي مان ڪاجو ڪتلي ۽ سگر جو پئڪيٽ ڪڍي اَدتيِ ۽ رِچا وٽ وڃي پئڪيٽ جو ڍَڪُ کولي اڳيان وڌايائين. ٻنهين ڪاجو ڪتليءَ جو هڪ هڪ پيس کنيو. نيرج جي چوڻ تي هڪ هڪ پيس ٻيو به کنيائون. منائيءَ جو پئڪيٽ رکي

رِچا ظاهري طور تہ اکيون ٻوٽي ويٺي-ويٺي آرام ڪري رهي هئي،
ڏيان اَدتيءَ ۽ نيرج جي ڳالهين طرف هيس. آخري وار تالاپ ٻُڌي
ئي من ۾ مُسڪرائڻ لڳي. سوچڻ لڳي، آخر برف پگهر جي ويئي.
ڻ ڪان پُڇيائين، تنهنجو ڇا اَٿي اِرادو؟ وري سوچيائين، اڃا بہ
ڦي آهن، جڏهن ڇنهن ڪي ڇاهيان پنهنجي زلفن جي زنجير ۾ قيد
ري سگهان ٿي.

ٽرين اروڻاچل جي حد ۾ پهچي چُڪي هئي. ٻاهر خوبصورت منظر
ٿا. سڀ اُنهن کي نهاريندا رهيا. سڄ موڪلائڻ وارو هو. هاڻي مارچ ۾
تذڪار محسوس ٿيڻ لڳن. ٽرين پهاڙي علائقي مان گُذري رهي
ئي.

ڪُجهہ دير بعد ٽرين هڪ اِسٽيشن تي بيٺي. راجيش گيٽ تي
هچي هڪ وينڊر کي سڏي چانهہ ڏيڻ لاءِ چيو. وينڊر چانهہ پرڻ لڳو.
جيش نيرج کي سڏي بہ ڪُلهڙ پڪڙايا ۽ جيتوءَ کي بہ سڏڻ لاءِ
يائين. نيرج بہ چانهيون اَدتيءَ ۽ رِچا کي ڏيئي موٽي آيو. تيستائين
يتيندر بہ اچي ويو. ٻيا بہ ڪُلهڙ جيتوءُ کڻي ويو. ٻيا بہ نيرج کي
تائين. وينڊر کي پئسا ڏيئي هڪ چانهہ پنهنجي لاءِ ورتائين. واپس
هنجي سيٽ تي پهتو. نيرج هڪ چانهہ جيتوءَ کي ڏني، هڪ پاڻ
ت رکي اچي اَدتيءَ جي پرسان ويٺو.

چانهہ پي سڀني تازگي محسوس ڪئي. ٽرين ڇُري، جلد ئي رفتار
ڪڙي، ڪُجهہ دير خاموشي رهي. نيرج اَدتيءَ کي چيو- ”هاڻي آءٌ
وستن وٽ تو وڃان.“

”مونکي اڪيلو ڇڏي؟“

”رِچا اَٿي نہ.“

رِچا کي ڪمپني ڏيڻ لاءِ پنهنجي دوست کي سڏيس نہ.“

”سُنو نہ لڳندو. اڃا تہ ٽن ڪلاڪن جي جرني باقي آهي. وري آءٌ

جڳهيون اَهڙيون آهن، جيڪي فقط مارچ ۾ ئي گُهمي سگهجن ٿيون!
اسين چئن ڏينهن ۾ وڌ ۾ وڌ جڳهيون گُهمڻ چاهينداسين. ان باري ۾
توهان جي صلاح گهرجي.“
”ڏسو اسين ٻه ڀيريون دفعو هلي رهيون آهيون ليڪن ايتري
خبر آهي ته اروڻاچل پرديش ايترو وشال آهي جو هڪ دفعي ۾ پورو
گُهمڻ ممڪن نه آهي. توهان مارچ جا 4 ڏينهن ۽ وڌ ۾ وڌ اپريل جو
پهريون هفتو وقت ڪڍي سگهندءُ. بهتر ٿيندو توهان ايسٽ اروڻاچل
کي پاسيرو رکي فقط ايٽانگر جي نارٿ ويسٽ سائيڊ تي ڌيان ڏيو.
وڌيڪ ايٽانگر هلي صلاح ڪنداسين.“
”جيستائين اَسين آهيون، توهان ڪمپني ڏيندا نه؟“
اَدتيِءَ نيرج جي اکين ۾ نهاري پُڇيو، ”فقط تيستائين؟“
اَدتيِءَ جي اِها نهار نيرج جي دل ۾ گهري پيهجي ويئي. اَدتيِءَ
جي اکين ۾ نهاريندي چيائينس، ”اِنتظار ڪنيدينءَ؟“
”ڪيستائين؟“
”جيستائين آءٌ آءِ.اي.ايس. جي ٽريننگ ۽ اِمتحان ڪليئر ڪري
ڪليڪٽر بڻجان.“
”مشڪل ٿيندو ايترو اِنتظار ڪرڻ.“
نيرج مايوس نظرن سان اَدتيِءَ کي ڏسندو رهيو. اَدتيِءَ چيس،
”هڪ رستو نڪري سگهي ٿو.“
”تون چاهين ٿي آءٌ پهريائين شادي ڪري پوءِ پڙهائي ڪريان.“
”مون اِئين ڪٿي چيو؟“
”چا ٿي چاهين تون؟“
”آءٌ ٻه چاهيان ٿي ته آءٌ ٻه ڪليڪٽر بڻجان. ٽريننگ ۾ ٻه ته گڏ
هونداسين نه؟“
”اوهه! اَدتيِ.“ نيرج اَدتيِءَ جو هٿ دٻايو.

’تون چو نہ تي سڏينس؟“
’شرم تو تئي.“
’جب پيار ڪيئا تو ڊرنا ڪيا؟“
اَدتيِءَ موبائيل تي ڪال لڳائي نيرج کي اَچڻ لاءِ چيو. راجيش
ڪيس، ”ڳالهہ اينتري وڏي ويئي آ؟ تو ڇوڪريءَ تي جادو ڪيو يا
ڪريءَ تو تي؟“
”ڏس راجو، اروڻاچل اسان لاءِ اڻڏٺي اجنبي جڳهہ آهي. رِچا جا هتي
انگر ۾ ڪانٽيڪٽس آهن، اُن جو فائدو اسان کي بہ ملي رهيو آهي.
يشن تي ڪار ونڻ ايندي. هوٽل ۾ ڪمرا بوڪ تي ويا. اڳتي بہ اُن
فائدو ملندو، اِنڪري ئي اُنهن سان دوستي ڪئي آ.“
”مطلب جي دوستي؟“
”اسين احسان فراموش نہ آهيون. ڪنهن نہ ڪنهن نموني بدلو
ڪائينداسين.“
”فون رِچا ڪئي هيئہ؟“
”نہ اَدتيِءَ.“
”وچ وچي اَدتيِءَ جي زلفن جي سايعي ۾ وقت گُذار.“
”پاڻ کي بچائي رکجانءَ. رِچا اِن معاملي ۾ خطرناڪ اَتيِ.“
”هُجي، مونکي ڇا ڪرڻو آ.“
”تون ڪُجهہ ڪري نہ سگهندين، جيڪي ڪرڻو هوندو رِچا
ندي، هلن تو.“
نيرج اَدتيِءَ وٽ پهتو. ٻئي اُٿان اُٿيون. نيئي وچي تن سيٽن تي
نا. اَدتيِءَ ٻڌائڻ شروع ڪيس، ”ڏس نيرج، اسان زيرو ويلي
ڻنگ، گوريچين پيڪ، نورنگہ فالس ۽ سنگتي اِهي پنج جڳهيون
ڻي نہ گهمي سگهنداسين. اُنهن جو وقت گُذري ويو آهي يا ڇئو ڪٽي
سياري ۾ ايندو. مارچ ۾ گُهمڻ جون بہ جڳهيون آهن. هائولنگہ

ايندس.'' اينرو چئي نيرج اُٽي هليو ويو. اَدتيِ اُٿي رِچا وٽ ويئي.
اُن وقت ڪوچ جي لائيٽ ٻري. سيني هٿ جوڙي مالڪ کي ياد ڪيو. اَدتيءَ رِچا کي چيو، ''ايتاڻگر پهچي ٽائيم ويسٽ ناهي ڪرڻو. اچ ته انٽرنيٽ تي سرچ ڪري نوٽ ڪندا وڃون ته ڪڏهن ڪٿي گهمڻو آهي ۽ ڪُل گهڻن ڏينهن جي جرني ٿيندي.''
''تون پنهنجي گهٽگهري کي به سڏيس نه ته اُهو به اچي شامل ٿئي. هڪ طرح سان جيڪو سرچ ڪرڻو هيس، سو ته سرچ ڪري ورتائين.''
''رِچا آءٌ تنهنجي ڪنهن به ڳالهه جو بُرو نه مڃيندس، جيڪا سچائي آهي، اُن کي قبول ڪرڻ ۾ ڪوئي آر نٿي سمجهان. تون منهنجي گهري دوست آهين، توکان ڪُجهه لڪائڻ به نٿي چاهيان. ها آءٌ نيرج کي پسند ٿي ڪريان، هوُ به مونکي پسند ٿو ڪري. اِها اسان ٻنهين لاءِ اروڻاچل ياترا جي ڦيرين ۾ بهترين حاصلات آهي.''
''مُبارڪ هجيوَ. هاڻي سڏيس ته سرچ شروع ڪيون.''
''هاڻي نه، ڦيريائين ڪُجهه ڪوج ڪري وٺون.''
''ٺيڪ آهي، تون پين ڊائري ڪڍ، آءٌ موبائيل تي سرچ ڪرڻ شروع ٿي ڪريان.''
''ڦيريائين مارچ ۾ يا مارچ تائين گُهمڻ جهڙيون جڳهيون ۽ اُن جي لوڪيشن تلاش ڪر.'' رِچا ڳولهيندي ويئي. اَدتيِ نوٽ ڪندي ويئي.
اُن ڪانپوءِ جن جڳهين کي اوائيڊ (ڇڏڻو هو) ڪرڻو هو. اُن کان پوءِ جن جڳهين کي اپريل ۾ گُهمڻ جي اڳرائي ڏني هئي.
ڪلاڪ ڪان وڌيڪ وقت لڳي وين ڳولها ڪرڻ ۾.
رِچا چيس، ''هاڻي سڏ ڪريس پنهنجي يار کي.''
''پليز رِچا تميز سان ڳالهاءِ. تون سڏي اچيس.''

.تيءِ صفائي ڏيندي چيو، ”اِها مانيتا آهي تہ جيڪو هڪ دفعو
ڪيا ديويءَ جو درشن ڪندو آهي، اُن کي وري هِتي اچڻو پوندو
.“

ڏسنداسين آزمائي.“

چا چيو، ”ناهر لاڳون اچڻ واري آهي.“

يرج چيو، ”هلان هلي تياري ڪريون.“

دتيءَ چيس، ”تياري چا ڪرڻي آهي، سامان ڪٺي هيٺ ئي تہ
آهي.“

چا ڳائڻ لڳي، ”اِيي نہ جائو ڇوڙڪر، ڪہ دِل اَيي پرا نهين.“

يرج مُسڪرائڻ لڳو. اَدتيءَ چيس، ”ڪڏهن تنهنجي بہ اَهڙي
ت تيندي. جڏهن ڪامديو جو تير دِل تي هلندو آهي تہ نہ پُڇي
دو آهي ۽ نہ ٻُڌائي هلندو آهي.“

’هڪڙو ڪم ڪر اَدتيءَ، هوٽل ۾ تون نيرج سان روم شيئر
ڪانءِ.“

’تون نيرج جي ڪهڙي دوست سان روم شيئر ڪندينءَ؟“

’الڳ روم وٺندس.“

’رات سڄي ڪروٽون بدليندي، آهون ڀريندي ڪٽجانءِ.“

’هلان ٺو.“ چئي نيرج اُٺي پنهنجي سيٽ تي ويو. دوستن کي
ڪين، ”اِستيشن بس اچڻ واري آهي.“

’اَسين تيار آهيون.“ سيني چيس.

ڪجهہ دير بعد ٽرين ناهر لاڳون جي پليٽفارم تي رُڪي. سڀ
نجو-پنهنجو لڳيج ڪٺي هيٺ لٿا. پليٽفارم تي هڪ شخص رِچا
ائنڊ پارٽي جي تختي ڪٺي پليٽفارم تي بيٺو هو. رِچا اِشاري
سڏ ڪري پنهنجو ۽ اَدتيءَ جو لڳيج ڪٺي هلڻ لاءِ چيس. ڊرائيور
ڄ ڪٺي ٻاهر ڪار پارڪنگ ۾ آيو. اُتي هڪ ٻي بہ ڪار بيٺي هئي.

وليج ۾ ايني. اِهي بہ جڳهيون بہ چڱيون پونديون. دور اوپر اروٽاچل ۾ آهن. وقت مليو تہ اوپر جون باقي جڳهيون چانگہ لانگہ، نامدفال نئشنل پارڪ، تيزو ۾ پاسي گهاٽ گهمي سگهنداسين. باقي مارچ ۾ گهمڻ جون بہ جڳهيون آهن ميچوڪا ۾ پالوڪ پونگہ اُهي گهمي سگهنداسين باقي اُن ڪانپوءِ ايٽانگر ۾ اُن ڪان علاوه ڊيرنگہ توانگہ، پاڪٽي وائيلڊ لائيف سيچوري، سيلاپاس، بومڊيلا، آلو، ماڌري ليڪ، ڊاپاريجو. بوملا پاس ۾ الانگہ گهمي سگهنداسين. ڪڏهن ڪهڙي جڳهہ گهمون اِهو ايٽانگر هلي طيءِ ڪنداسين.

رِچا چيس، ”اسان کي ڪُجهہ بہ ڪرڻو نہ پوندو. مهتا انڪل بہ ڪار بہ ڏيندو ۾ گائيڊ بہ ڪري ڏيندو. اُهو پنهنجي حساب سان گهمائيندا.“

نيرج بنهي جي مهرباني مڃي اُٿڻ لڳو. اَدتيءَ هٿ پڪڙي ويهاريس. نيرج وقت پاس ڪرڻ لاءِ گوهاٽي ۾ شلانگہ جي باري ۾ پُڇيس.

اَدتيءَ ٻُڌايس، ”گوهاٽيءَ ۾ خاص ڪامڪشاديويءَ جو مندر، ميوزم ۾ بہ-ٽي بيون جڳهيون آهن. اُهي توهان کي واپسيءَ ۾ گهمائينداسين. خاص گهمڻ لائق تہ شلانگہ آهي، اُتي جون خاص جڳهيون رِچا توهان کي ٻُڌائيندي. رِچا ٻُڌائڻ لڳي، ”شلانگہ ۾ آسپاس 25 جڳهيون گهمڻ لائق آهن. اُنهن مان خاص آهن يونيم جهيل، ايليفنٽ فال، ليٽيليم مئنيان گهاٽي، شلانگ پيڪ، مافالنگہ فاريسٽ، ڊان باسڪو ميوزيم، ايشيا جو سڀ کان وڏو ميوزم آهي. پولڪ ليڪ سنسار جي سڀ کان وڏي آرٽيفيشيل جهيل آهي. نوهاسنگہ ٿيانگہ فالس (جهرڻا، جن کي ست ڀينر جهرڻا بہ چوندا آهن) ۾ بيون بہ ڪيترين جڳهيون آهن.“

”اِن لاءِ تہ هڪ دفعو وري هن طرف اچڻو پوندو.“

”سو تہ اچڻو ئي پوندو.“

”ڇا مطلب؟“

رئين ڪار کي هوٽل رائيزنگ سن وٽ بيهل ڏٺائين. پاڻ به ڪار
پ اچي روڪيائين. ڪار جو ڊرائيور اُتي اچي چابي وٺي ڏڪيءَ
ن سامان ڪڍڻ لڳو. سڀ ڪار مان هيٺ لهي هوٽل جي رسپشن وٽ
. ويٽر سامان کڻي رسپشن تي آيا. جيڪو روم جنهن لاءِ الاٽ ٿيو هو،
جي چابي وٺي سامان کڻي پئسينجر سان گڏ اُن روم ۾ ويا. سامان
ائي رکي ٻاهر نڪري ويا. ڊرائيورن رِچا کان وڃڻ جي اِجازت
ري. رِچا روٽي کائي وڃڻ لاءِ چيِن.
ڊرائيورن ٻُڌايس ته روٽي کاڌي هئائون.
رِچا تڏهن به رُڪڻ لاءِ چيِن. مسٽر مهتا کي موبائيل تان فون لڳائي
يائين، "ٿئنڪيو انڪل، هم هوٽل ۾ پهنچ گئي هئن. ايڪ نويدن
ﮧ، هم جب تڪ يهان هئن روز گهومني ڪي ليئي دو ٽئڪسي اؤر
ڪ گائيڊ ڪي ضرورت پڙيگي، ڪرپيا ارينج ڪر دين."
مهتا چيس، "بيٽا، ٽئڪسي ڪِي ڪيا ضرورت هئه؟ اپني ڪار
ﮧ نه، ايڪ ڊرائيور جسڪا نام سڏيندو هئه، اُسڪا اروڻاچل ڪا چپا
پا گهوما هوئا هئه ڪب ڪهان جانا هئه، اُسي بتا دينا، وه اچي طرح
ومائيگا."
"ٿئنڪس انڪل."
"يوُ ويلڪم."
رِچا رسپشن تي هڪ هنڌ وڃي ويٺي. ڊرائيورن کي سڏي ويهڻ لاءِ
يائين. ٻنهين لاءِ ڪافيءَ جو آرڊر ڏنائين. اَدتيءَ کي فون ڪري
يائين، "توهان سڀ ريسٽورنٽ ۾ ڊنر لاءِ پهچو. آءٌ به اُتي پهچان
." موبائيل بند ڪري پُڇيائين، "آپ دونو مين سي سڏيندو
سڪا نام هئه."
هڪ ڊرائيور چيس، "ميم ميرا نام هئه، ڪيا حڪم هئه؟"
"انڪل مهتا ني ڪها هئه آپ همين اروڻاچل گُهمائوگي."

ٻيو ڊرائيور ڪار جي پرسان بيٺو هو. ڊرائيور سان گڏ ٻن مهلائن کي ايندو ڏسي ٻنهين کي سلام ڪيائين. ڊرائيور ڊڪي کولي لگيج رکيو. رِچا نيرج ۽ راجيش جو لگيج ٻيءَ ڪار ۾ ڊڪيءَ ۾ رکايو. باقي ٽين ٽن جو لگيج ٻيءَ ڪار ۾ رکايائين. رِچا نيرج ۽ اَديتيءَ کي پنيان ويهڻ لاءِ چيو. ڊرائيور کي چيائين، ”دوسري ڪار مئن چلائونگي، تم آگي چلنا.“ رِچا ٻي ڪار وٽ وڃي ڊرائيور کي چيو، تُم اُس ڪار ۾ جاڪر بئٺو، يي ڪار مئن چلائونگي.“

ڊرائيور کان چاٻي وٺي ڪيس روانو ڪيائين. نيرج جي دوستن کي چيائين، ”پليز توهان مان ڪي ٻه ٽي ٻيءَ ڪار ۾ پُٺيان ويهن. هڪ اسان واري ڪار ۾ ويهي.

گؤرو، نرنجن ۽ جيتيندر پٺئين سيٽ تي ويٺا. راجيش اڳيان ويٺو. رِچا ڊرائيونگ سيٽ تي ويهي ڪار اِسٽارٽ ڪري پارڪنگ مان ٻاهر ڪڍي. ٻيءَ ڪار کي اڳتي وڃڻ ڏنائين. پاڻ اُن ڪار کي فالو ڪرڻ لڳي.

فاصلو طيءَ ڪري ٻئي ڪاريون ايٽانگر ۾ گهڙيون. رِچا بزار ۾ هڪ وائين شاپ وٽ ڪار روڪي وائين شاپ تي ويئي. برانڊيءَ جي بوتل خريد ڪري، بوتل اچي راجيش کي سنڀالڻ لاءِ ڏنائين. راجيش هچڪچائيندي چيس، ”هيءَ ڇا لاءِ؟ اسان مان ڪير به ڊرنڪ نه ڪندو آهي.“

رِچا چيس، ”هيءَ وسڪي نه آهي، برانڊي آهي، ٿڌ کان بچاءَ لاءِ.“

”ليڪن هينئر ته گرميءَ جي مؤسم آهي.“

”جلد ئي ٿڌ جو اَحساس ٿيندوَ ۽ برانڊيءَ جي ضرورت محسوس ٿيندوَ.“

راجيش رِچا کان برانڊيءَ جي بوتل ورتي. رِچا سيٽ تي ويهي ڪار اِسٽارٽ ڪري اڳتي وڌائي. اِسپيڊ وڌائي. ٿورو ئي اڳتي وڌي ته

هنا چيس، ”فڪر مت ڪرو بيٽا، هو جائيگا.“
ئي ڪار صبوح جو ساڍي اٺين بجي ئي اچي ويون. سامان ٻنهين
ن جي ڊڪيءَ ۾ رکجي ويو. نيرن ڪائي 9 بجي روانا ٿيا.
ڏيندوءَ جي ڪار ۾ پنيان اَدتيِ ۽ رِچا ويٺيون اڳئين سيٽ تي
ح وينو. ٻيءَ ڪار ۾ باقي چار ئي دوست ويٺا. اڳيان سڏيندوءَ جي
هئي. رستي ۾ چوڌاري ڦهليل خوبصورتيءَ کي نهاريندا ڪلاڪ
ٻئي ڪار دبانگ ويليءَ جي قريب پهتيون. رستي ۾ سڏيندوءَ
وائيلڊ لائيف سينڇريءَ وٽ روڪي.
چوڌاري قدرت جي سونهن پکڙي پيئي هئي. جتي جتي من ٿين
ئيل ڪئميرا سان فوٽو تي ڪڍيائون. سينڇوريءَ جي اندر ويا.
ع طرح جا جانور کُليو گُهمي رهيا هئا. ٻنهين ڪارن جا شيشا بند
ي چڙيا هئائون تڏهن ٻه دل نٽي رهين. ڪاڇ هٽائي جانورن جا
و ڪڍي تي ورتائون. ٻه ڪلاڪ سينڇوريءَ ۾ گُهمي ٻاهر آيا.
جهه ئي دير ۾ دبانگ ويليءَ ۾ پهتا. گُهمي ڦري اينيءَ پهتا. قُدرت
سونهن ڏسي اکيون ٺري پيون.
ڳاتار فوٽو ڪڍندا رهيا. وقت ٻه ٿورو هين، سفيد ڪوهيڙو ڇانيل
2 بجي اُتان اڳتي وڌيا. رستي ۾ هڪ ڍابي تي رُڪي روٽي
ئون. 3 بجي روانا ٿي شام جو ڇئين بجي انجا ضلع جي هايوليانگ
ٽ ۾ پهتا. سڏيندوءَ ٻُڌاين ”هي ڳوٺ سئلانين گهٽ گُهميو آهي.
ٽ ۽ ڊيلاءِ ندين جي وچ ۾ وسيل هي خوبصورت ڳوٺ آهي لافتي
ڙن جي ترائيءَ ۾ وسيل آهي.“ موسم خوشگوار هو. هايوليانگ
گي پر لاءِ توهان جو يادگار بڻجي ويندو. هيءَ علائقي جي بهترين
هين مان هڪ آهي. سڀ پورو ڳوٺ گُهميا. سامهون نظر ايندڙ پهاڙن
نهاريائون. لوهت ۽ ڊيلاءِ ندين تي وچي ٻنهين ندين جو سنگم
ئون. ڀرپور آنند ماڻي چانگلانگ روانا ٿيا.

”يي ميري خوشنصيبي هئہ.“

”ديکو آپکو تو مالوُم هوگا، کب کهان جانا هئہ. مارچ بيت چلا هئہ، اب کيول چار دن بچي هئن. دو اِستان اَئسي هئن جو ايسٹ ۾، باقي دو ويسٹ ۾. اب چار دنون ۾ دونو اِستان تو جا نهين پائينگي، اِس ليئي ايسٹ کو ڇوڙ دين. کيول ويسٹ سائيڊ ۾ ئي گهومين.“

”ميم، سبسي پهلي هم پوُرب کي طرف ئي چلينگي. کل همين هوٹل دو دِن کي ليئي ڇوڙنا هوگا. هم کل صبوح چلکر، ايني، تيزو، چانگلانگہ، دبانگہ ويلي، آدي گهومکر واپس 30 مارچ شام تک يهان لؤٹ آئينگي. 31 مارچ کو ياِلکيونگہ اؤر ميڇوکا دونو گهومينگي. باقي اِستان اِطمينان سي گهومينگي.“

”بهتر هئہ، صبوح کتني بجي نکلينگي؟“

”ناشتا کاکر 9 بجي تک نکلينگي. لگيج پئک کرکي رکنا. هوٹل والون کو بتا دينا کِ کل صبوح آپ چيک آئوٹ کرينگي. 30 شام کو واپس آئينگي.“

”ٺيک هئہ.“

بئي ڊرائيور موکلائي هليا ويا. رِچا ريسٹورنٽ ۾ ويئي. سپ سندس اِنتظار کري رهيا هئا. سيني کان پُڇي رِچا آرڊر ڏنو. جلد ئي آرڊر سروَ ٿيندو ويو، سيني کائڻ شروع کيو. رسوئي کائيندي رِچا کين ٻُڌايو- ”صبوح جو 9 بجي هوٹل ڇڏڻو آهي. سپ وقت تي تيار ٿي وڃجو. نيرن کائي نڪرڻو آهي. صبوح جو ٻہ کار اچي وينديون. هڪ ڊرائيور گائيڊ جو کم کندو.“

”بهتر آهي. رسوئيءَ کان نپٽي، جلدي هلي آرام ڪريون.“

ڊنر کان فارغ ٿي رِچا مهتا کي فون لڳائي چيو، ”انکل هم صبوح هوٹل خالي کر رهي هئن، 30 شام کو آئينگي، آپ کِرائي اؤر ڊنر کا بل دي دينا، پاپا کي حساب ۾ لکہ لينا.“

لوهت طرف وڌيا. اڳتي هلي ڊرائيورن ڪار جو رُخ تيزوءَ طرف

زو ٽوئرسٽ جي لاءِ هاٽ اسپاٽ آهي. تيزو خوبصورت پشمي جي وچ ۾ سينريءَ سان ڀرپور خوبصورت جڳهه آهي. ڏسڻ جهڙي ن ۾ ميوزم، بوٽانيڪل گارڊن ۽ اُتان جا دلڪش ڳوٺ. خاص شڻ هئي ڳلو جهيل. فوٽوگرافيءَ لاءِ خوبصورت جڳهه. تيزو چل پرديش جي ايسينس جڳهه آهي. سڏيندو هِڪ-هِڪ جڳهه نان سان گُهمايائين. هڪ سُٺي ريسٽورنٽ ۾ من پسند روٽي ائين.

همي ڦري شام جو اينيءَ پهتا. چوڌاري گهرو ڪوهيڙو ڇانيل هو. ش منظر هو. ڪجهه دير ڪار اُتي روڪيائون. من ڀرجڻ وارو نه . آخر ٻنهين ڪار جي هيڊ لائيٽ جلائي اڳتي وڌيا. اينيءَ کان نڪتا ته سج لهي چُڪو هو. اسپيڊ وڌائي ڊرائيورن ڪار اڳتي ي. شام جو 7 بجي ايتانگر پهتا. هوٽل ۾ ڪمرا بوڪ ٿيل هين. ڪو پنهنجي ڪمري ۾ وڃي هٿ مُنهن ڌوئي ڪپڙا بدلي واهڪو . صبوح جو وري نڪرڻو هُين اِنڪري جلدي ڊنر کائڻ جو يائون. چانهه جي بجاءِ بعد ۾ ڪافي پيئڻ جو طيءِ ڪيائون.

صبوح جو هوٽل ڇڏي ٻن ڪارن ۾ سٽ ئي دوست ميچوڪا لاءِ روانا ميچوڪا يا ميچوڪا اولهه سيانگ ضلع ۾ لڳ ڀڳ 6 هزار فوٽ جي ائيءَ تي پکڙيل خوبصورت نگر آهي. پائين جا جهنگل ۽ ڊياريون جهاڙيون، دوائن جي اثر وارو برفيلو پاٽي فوٽوگرافيءَ هترين موقعا.

ميچوڪا کان چِئنا باردر فقط 29 ڪلوميٽر جي فاصلي تي آهي. چوڪا خوبصورت پهاڙن، اُتان جي جن جاتين سيوم ندي ۽ برفيلن ٿين وارن پهاڙن لاءِ مشهور آهي. پهاڙ جيڪي سرحد تي موجود آهن

چانگلانگ اروڻاچل پرديش جي وڏن ضلعن مان هڪ آهي. خاص
اٽريڪشن ۾ مهاڀاري لڙائيءَ ۾ شهيد ٿيل سپاهين جو قبرستان، نـ
موٽي اچڻ واري جهيل، جونگفو نفرت. شاندار سيپتا. 200 ميٽر کان
450 ميٽر جي اوچائيءَ واري پهاڙن جي قطار. خاص اٽريڪشن پارڪ
جو ٽيون نمبر سڀ کان وڏو نمدفا نئشنل پارڪ. جهنگلي جانورن لاءِ
رزرود ڪافي وڏو جهنگلي علائقو. چانگلانگ جون باقي سڀ جڳهيون
گهمي نامدفال ٻئي ڏينهن لاءِ ڇڏي، هوٽل سليرو ۾ وڃي سڏيندوءَ
ڪار بيهاري، ٻنيان ٻي ڪار بہ رُڪي. نيرج هيٺ لهي رسپشن تي
وڃي چار روم بوڪ ڪرايا. ويٽر ڪار جي ڊڪين مان سامان لاهي ڇئن
الڳہ الڳہ ڪمرن ۾ پئسينجرس سان گڏجي ويا. سامان ڇمائي رکي
آيا.

نيرج رسپشنسٽ کان پُڇيو، ”ڊرائيورن جي لاءِ ڇا اِنتظام آ؟“

کيس ٻُڌايو ويو تہ انُهن جي رهڻ ۽ کائڻ جو جوڳو اِنتظام آ. هڪ
روم ۾ ٻئي ساهيڙيون رُڪيون، ٻئي ۾ نيرج ۽ راجيش، ٽئين ۾ گوُرو
نرنجن ۽ سنگل روم چوٿين ۾ اڪيلو جيتيندر.

سڀ کان پهريائين سيني چانهہ گُهرائي پيتي. اُتي ٿڌڪار
محسوس ٿين. رِچا برانڊي آفر ڪين، سيني منع ڪئي ليڪن
جيتيندر پيئڻ جي خواهش ظاهر ڪئي. نرنجن، گوُرو بہ تيار ٿي
ويا. ٿوري-ٿوري نيرج ۽ راجيش کي بہ ڏنائين. پنهنجي ڪمري ۾
وڃي هڪ گلاس ۾ ٿوري اوتي اَدتيءَ جي چپن سان لڳايائين. ڏُک
پرائي باقي بچيل پاڻ پيتائين. برانڊي پيئڻ کانپوءِ راحت محسوس
ڪيائون.

ڊنر کائي سڀ جلد آرامي ٿيا. صبوح جو روانا ٿيا. ٻئي ڪار نامدفا
نئشنل پارڪ مان ٿيندي اڳتي وڌنديون رهيون. ڪٿي رُڪيا نہ.
جهنگلي جانورن جو ديدار ڪندا اڳتي وڌندا رهيا. نامدفا مان ٻاهر

ڻ لٿا. ويتر ڪار جي ڊڪين مان سامان ڪڍي ڪٺي آيا. نيرج ٻه
بيڊ ۽ هڪ ٽرپل بيڊ بوڪ ڪرايا. رجسٽر ۾ اينٽري ٿيڻ ڪانپوءِ
ٿهن پنهنجو-پنهنجو سامان الڳ ڪيو. ويٽرن ڪان سامان ڪٺائي
جي-پنهنجي ڪمري ۾ ويا.

ڪجهه دير بعد سڀ نيرج جي ڪمري ۾ گڏ ٿيا. پاڻ ۾ صلاح
ئون، اينرو ڏورانهين پنڌ تي وري اچڻ نه ٿيندو ۽ نه ئي هاڻي
و وقت ملندو. هاڻي اِطمينان سان سُٺي نموني گُهمڻو آهي.

رنجن نيرج کي چيو- ”برانڊيءَ جو ڍڪڻ ڪڍهن کوليندين؟“
نيرج چيس وڃي پنهنجي ڪمري مان گلاس کڻي اچ. راجيش کي
ئين، ”رِچا ۽ اَدتيءَ کي سڏي اچ. اُنان ٻه ٻه گلاس به کڻي
ڪان ءَ.“

گلاس به اچي ويا. اَدتي ۽ رِچا به اچي ويون. نيرج برانڊيءَ جي
جو ڍڪڻ کولي ٿوري-ٿوري برانڊي سڀني جي گلاسن ۾ اوتي.
ي سِپ ڪري برانڊي پيتي. بدن ۾ ٿوري گرمائش محسوس
ئون. جلد ئي ڪمرا بند ڪري رسوئي ڪائڻ هليا ويا. پنهنجي
نجي پسند جي ڊش گُهرائي ڍءُ ڪري کاڌائون. مٿان ڪافي پِي
نجي-پنهنجي ڪمري ۾ ويا. نيرج هڪ بئري کي چيو سندس
ر مان گلاس کڻي وڃي ۽ هرهڪ روم ۾ صاف گلاس رکي اچي.
اَدتيءَ ڪان رهيو نه ٿيو. نيرج جي ڪمري ۾ هلي ويئي. اَدتيءَ
آيل ڏسي راجيش ڪمري ڪان ٻاهر نڪري ويو. رِچا روم ڪان ٻاهر
ري نهاريو. راجيش کي روم جي ٻاهر بيٺل ڏسي پُڇيائينس،
اهر ڇو بيٺا آهيو؟“

راجيش چيس، ”بس اِئين ئي.“

”اچو منهنجي روم ۾ اچي ويهو.“

”بس ٺيڪ آهي.“

ڪار ۾ ئي سڀ گهمندا رهيا. چائنا سرحد تي وڃڻ جي حسرت من ۾ ئي رهين. پڇ پڇان ۾ گهمڻ جو پورو لطف ماڻي نه سگهيا. رستي تي هڪ خوبصورت پهاڙي بالا (نينگري) وڻ جي هيٺان ويٺي هئي. گود ۾ رڍ جو ٻچو هيس. سڀ ساراهه ڀريءَ نظرن سان ڪيس ڏسڻ لڳا. ڪجهه دير گهمي ٻئي گاڏيون آلو طرف وڌيون.

آلو دل دماغ کي شانتي بخشڻ واري جڳهه آهي. اڳ ۾ آلو جو نالو آلونگ هو. بعد ۾ اهو آلو سڏجڻ لڳو. اِها جڳهه هوُ واپسيءَ ۾ به گهمي سگهيا ٿي اِنڪري ٻئي ڪار اڳتي وڌي ويون. ڪجهه جڳهيون واپسيءَ ۾ گهمڻ جي سوچي ٻنهين ڊرائيورن ڪاريون فل اِسپيڊ سان اڳتي وڌايون. ڪجهه بستيون لنگهي اڳتي وڌندا رهيا. شام جو اولهه ڪامينگ ضلع جي ياڻُوڪيونگ جڳهه تي پهتا. اِها جڳهه گهمڻ جو اڄ آخري ڏينهن هين.

ياڻوڪيونگ پهاڙي ترائيءَ ۾ ڪامينگ نديءَ جي ڪناري تي وسيل خوبصورت ڪسبو هو. هائيڪنگ ٽريڪنگ (پهاڙن تي چڙهائي) جو شونق ڪنهن کي به نه هو. وائيلڊ لائيف سينچري (رزرو فاريسٽ) گهمڻ جيترو وقت نه هين. ياڻوڪيونگ ضلعو گهمي آيا. خوبصورت نظارن کي نهاري چانهه پي اڳتي وڌيا. جيئن جيئن اڳتي وڌيا ٿڪاوٽ محسوس ٿيڻ لڳن. رستو پهاڙي هو. سڄ رستي ۾ ئي لهي وين. ڪار جي هيڊ لائيٽ جلائي رات جو اٺين بجي لڳ ڀڳ توانگ پهتا. بزار ۾ ڪار روڪي سڌيندوءَ به ڪپور جون ٻرفيون ۽ ڪجهه ٽافيون خريد ڪيون. رِچا نيرج کي برانڊي وٺي اچڻ لاءِ چيو. نيرج برانڊي وٺي آيو. ڊرائيور ڪاريون اڳتي وڌايون.

سڌيندوءَ ڪار هوٽل توانگ هائيٽس جي پارڪنگ ۾ روڪي. پُنيان پِي ڪار به رُڪي. سڌيندو ڪار مان لهي رسپشن تي ويو روم ملي سگهيا ٿي. نيرج کي ڪمرا بوڪ ڪرائڻ لاءِ چيائين. سڀ ڪار مان

ڪجهہ ٿڪ جو اثر هو، ڪجهہ لڳاتار سفر جي ٿڪاوٽ سڀ صبوح جو
سان اُٿيا. اُٿي تيار ٿيڻ ۾ 10 ٿي وين. ڊرائيور ڪلاڪ اڳ ئي اچي
ئا. سڌيندوءَ رچا کان پڇيو، ”ڪيا آگيا هئہ؟“
چا چيس، ”چلو ناشتي پر بئٺڪر بات ڪرتي هئن، سميہ پي بچ
گا.“
سڀ وچي ناشتي لاءِ ريسٽورنٽ ۾ ويٺا. ناشتو ڪائيندي رِچا پڇيس،
ب بتائو، آج ڪهان چلنا هئہ؟“
”آج سيلاپاس چلين؟“
”وهان ڪيا هئہ خاص؟“
”بُهت ڪُڇ خاص هئہ. يهہ اِستان اُتر پورب هماليہ رينج ۾ 13700
ٽ ڪي اوچائي پر هئہ. يهہ بُڌ لوگون ڪا پويتر اِستان مانا جاتا
، يهان پهاڙون پر سال ڀر برف، جمي رهتي هئہ. ڪها جاتا هئہ يهان
1 جهيلين هئن، خاص سيلا جهيل هئہ، اِسي سورگ ڪي جهيل ڪها
نا هئہ، يهہ جهيل سرديون ۾ جم جاتي هئہ.“
”ڦر تو ضرور چلينگي.“
”وهان ٺنڊ بُهت هوگي، گرم ڪپڙون سي پئڪ هوڪي چليئيگا.“
”برانڊي ليڪي چلتي هئن نہ.“
”نهين چليگي. اوچائي والي اِستانو پر آڪسيجن ڪي ڪمي
تي هئہ، اِس سي اُلٽي آسڪتي هئہ، چڪر آسڪتي هئن. الڪوهل
 آڪسيجن ڪي اؤر ڪمي هو جاتي هئہ. ڪُڇ مينا ڪاني سي اؤر
ڀور سونگهني سي اِس تڪليف سي بچ سڪتي هئن. مئن ڪپور اؤر
ڦيان لايا هون،، اس سي بچاوَ هو جائيگا.“
نيرچ چيو، ”اسين ڪاجو ڪنلي بہ ڪٺي آيا آهيون.“
رِچا چيس، ”رهڻ ڏيو، اِن جي ضرورت رات جو برانڊي پي روٽي
ٹڻ ڪانپوءِ پوندي.“

''مونکي خبر آهي اَدتيِ نيرج کي اِلو-اِلو کرڻ ويئي آهي. جلدي
نہ موٽندي، بيهي ٿڪجي پوندءُ. اچو هتي اچي ويهو.''
راجيش رِچا جي ڪمري ۾ وڃي وينو. رِچا چيس، ''مونکي نٿو لڳي
تہ نيرج ڪليڪٽر بڻجي سگهندو.''
''اِئين ڇو ٿا چئو؟''
''عشق جي ۽ ڪليڪٽريءَ جي پڙهائي هڪ وقت ٿي نہ سگهندي.''
راجيش مُسڪرائڻ لڳو.
رِچا چيس، ''توهان نيرج جا گهرا دوست آهيو، توهان کي ريس
نٿي اچي؟''
''ريس تہ آئي هئي، تڏهن تہ مون بہ ڪليڪٽر بڻجڻ جو اِرادو
ڪيو آهي.''
''منهنجو مطلب آهي اِلو-الوءَ جي ريس.''
''منهنجو اَهڙو ڪوئي اِرادو ناهي. توهان بہ اَدتيِءَ جي فرينڊ
آهيو، توهان کي ريس نٿي اچي؟''
''مونکي اچانڪ ڪوئي مليو ناهي.''
''تلاش جاري اَٿو؟''
''تلاش سان ڪوئي نہ ملندو آهي، اچانڪ ملي ويندو آهي جيئن
اَدتيِءَ کي نيرج اچانڪ ملي ويو.''
اَدتيِ پنهنجي روم ۾ آئي تہ راجيش اُٿي کڙو ٿيو. اَدتيِءَ چيو-
''ساري، مون توهان کي ڊسٽرب ڪيو.''
رِچا چيس، ''تون نيرج وٽ وئينءَ تہ راجيش ڪباب ۾ هڏي بڻجڻ
نہ چاهيو، ٻاهر نڪري دروازي وٽ بيهي رهيو. مون رڪويسٽ
ڪئي مانس تڏهن هتي اچي وينو. نون آئي آهين تہ هاڻي وڃي ٿورو
آرام ڪري، جهوٽا ويٺي کاڌائين.''
راجيش پنهنجي روم ۾ هليو ويو.

ي نيرج واري ڪمري ۾ ڳڏ ٿيا. ڪُجهہ دير گپ شپ ڪري ڪافي
ائي پيتائون.
صبوح جو اِطميناني سان تيار ٿيا. اِئين تہ پورو اروڻاچل پرديش
اوير هماليہ جي رينج سان ستيل پهاڙي علائقو آهي ليڪن توانگہ
ائيءَ تي وسيل وڏي هِل اِستيشن آهي، اُن جي آسپاس جي گُهمڻ
ن سڀ جڳهيون بہ ڪافي وڏيءَ اوچائيءَ تي مؤجود آهن. جيئن تہ
لاپاس 13700 فوٽ اوچائيءَ تي، ماڌري ليڪ 15200 فوٽ جي
ائيءَ تي، توانگ خود 10000 فوٽ جي اوچائيءَ تي آهي.
ولاپاس بہ 15200 فوٽ جي اوچائيءَ تي آهي.
باولاپاس جي لاءِ بہ گرم ڪپڙن ۾ پئڪ ٿي پاڻ سان گڏ کاڌي-
ي جو سامان کڻي روانا ٿيا. رستو چڙهائيءَ وارو هو. ڪارن جي
يڊ گهٽ هئي. بامولاپس اِنڊو چائنا بارڊر تي مؤجود آهي.چوڌاري
ب جون ٽُلهيون تهون جاول هيون. باموپاس اِنڊو-چائنا جون چار
زيون پائنٽ آهن جتي ٻنهين مُلڪن جا ملٽري آفيسر وقت بہ
ت ملندا رهندا آهن. اُن ڪان علاوه اُتاهينءَ جڳهہ تي مؤجود
نيستار تسو جهيل پڻ هڪ خاص آڪرشڻ آهي. سئلانين جي ڏسڻ
ن آهي.
بامولاپاس توانگہ کان 37 ڪلوميٽر جي فاصلي تي آهي. هر جڳهہ
ڪي موهيندڙ هئي. هوٽل واري کي چئي وياهئا، جنهن وقت بہ موٽون
ن لاءِ رسوئي بچائي رکن. جڏهن اچن تہ گرم ڪري سروَ ڪن.
باموپاس کان موٽي اچي رسوئي کاڌائون. ٻنهين ڊرائيورن کي بہ
سان گڏ ويهاري کارايائون. رسوئي کائي ڪُجهہ دير آرام ڪري
هہ پيِ توانگہ گُهمڻ نڪتا. ڪُجهہ ٻوڌ مٺ ڏسي ڊنر کائي گپ شپ
ري آرامِ ٿيا. ٻئي ڏينهن تي آسپاس جا آبشار گليشر ڏسي باقي
ن ڏسڻ جهڙيون جڳهيون گُهمي لنچ ٽائيم تي موٽي آيا. وقت تي

نيرن ڪائي تيار ٿي سڀ سيلاپاس لاءِ روانا ٿيا. سڏيندوءَ سيني کي ٿوريون ٿوريون ٽافيون ۽ ڪپور جون ٽڪيون ڏنيون.

سيلاپاس جي توانگ کان 78 ڪلوميٽر جي دوُري هئي. پهاڙي رستو هو. ڪاريون 25 کان 40 جي اِسپيڊ ۾ هلي رهيون هيون. ڪٿي ڪٿي اِسپيڊ 50-60 تي به ٿي هليون.

سيلاپاس پهتا ته اکيون چنيڻ ٻُلجي ويا. هر طرف برف ئي برف. سج جي روشنيءَ ۾ هماليه جون برفيليون چوٽيون چمڪي رهيون هيون. گرم ڪپڙن جي باوجود ٿڌ برداشت کان ٻاهر ٿي لڳن. ته به اُتان هٽڻ تي دل نه ٿي ٿين. آخر اُتان هٽيا. سيلا جهيل تي ويا ته اِئين لڳن جڻ سُرڳ ۾ پهچي ويا هئا. جهيل جو نيرو صاف شفاف جل من موهي رهيو هين. سيني هر جڳهه جا فوٽو ٿي ڪڍيا. پهاڙن جي لڪ مان لنگهندا جڏهن واپس هوٽل پهتا ته لنچ جو ٽائيم نڪري چُڪو هو، سيني کي بُک بيحال ڪيو هو.

هوٽل وارن سندن عرض ڪرڻ تي ترت بريڊ آمليٽ تيار ڪرائي ڏنن. ڪائي هانوَ جهل ٿين. مٿان چانهه پي ترپتي محسوس ڪيائون. سڀ پنهنجي پنهنجي ڪمري ۾ وڃي گرم ڪپڙا، جوٽا، جوراب لاهي دٻُ ڪري وڃي ليٽيا. ڊرائيور به ٻي ڪلاڪين ڪانپوءِ اچڻ جو چئي هليا ويا.

شام جو ٿورو شهر گُهمي بزار مان فروٽ، ڊراءِ فروٽ ۽ مٺائي خريد ڪيائون. واپس اچي ڪُجهه وڏيڪ برانڊي پي ڊنر کائڻ ويا. لنچ کاڌي نه هئائون ته جلدي بُک لڳي هين. ٻئي ڏينهن ڊرائيور بوُملاپاس هلڻ لاءِ چين. ڊرائيور پنهنجي جڳهه تي هليا ويا. دوست پنهنجي ڪمرن ۾.

نيرج ڪاجو ڪتليءَ جو پئڪيٽ ڪٺي هر ڪنهن روم ۾ وڃي کاراين. واپس اچي راجيش کي ڏنائين ۽ خود به کاڌائين. اڄ سڀ

بسا آرچڊ سينڇوري، بومڊيلا ويوُ پائنٽ ۽ ٻيون ڏسڻ لائق جڳهيون
يون.
صحيح معنيٰ ۾ سونهن، تهذيب، روايتون هڪ ئي جڳهہ مؤجود
ٽلانين لاءِ بومڊيلا ضروري گهمڻ واري جڳهہ آهي. سڀ گهمي ڦري
وٽل موٽي آيا. لنچ ڪائي وري ڊيرنگہ گهمڻ ويا. ڊيرنگہ 4200 فوٽ
ي اوچائيءَ تي هڪ ننڍو نگر آهي. هِتي سڄو سال مؤسم خوشنما
وندو آهي. هِتان جون خوبصورت واديون، جن جاتيون ۽ سندن خاص
هذيب. هتي ڏسڻ لائق جڳهين مان ڊرانگہ ڊزونگہ گرم پاڻيءَ جو
هرٽو، سنگتي گهاٽي، ياڪ ريسرچ سينٽر ۽ ڪالچڪر گومپا. گهمندي
همندي سڄ لهي وين. پنڌ ويجهو هو گهمي ڦري هوٽل ۾ موٽي آيا.
ائي پي آرامي ٿيا.
صبوح جو تيار ٿي ايسٽ ڪامينگہ لاءِ روانا ٿيا. هوٽل تونگہ
ائيٽس ۾ روم وٺي سامان رکي پاڪئي وائيلڊ لائيف سيڇري لاءِ
وانا ٿيا
پاڪئي پاڪي ٽائيگر رزرو لاءِ مشهور آهي. سڏيندو ڊرائيور سان گڏ
ائيڊ جو ڪم ڪري رهيو هئو. هر هڪ جڳهہ جي باري ۾ وسنار سان
ڏائيندو ٿي وين.
هماليہ جي ترائيءَ ۾ مؤجود وائيلڊ پارڪ 862 ڪلوميٽر ۾ ڦهليل
هي. ٽائيگر (چيتن) جي وڌيل آباديءَ کي ڌيان ۾ رکي اُن پارڪ کي
2002 ۾ ٽائيگر رزرو گهوشت ڪيو ويو هو. پارڪ ۾ گهٽ ۾ گهٽ 40
طرح جا جانور مؤجود آهن اُنهن ۾ وڏيءَ ٻليءَ جي ذات جا ٽائيگر،
گهڙ، بادلي ليوپارڊ، هاٿي، يؤنڪنڌڙ هرڻ وغيره.
اُن کان علاوه سوين پرواسي (ٻين جڳهين تان آيل) لوڪل پکي پڻ
پاڪئيءَ ۾ پسجي سگهن ٿا. سڀ دوست تسليءَ سان هڪ هڪ شيءِ غور
سان ڏسندا رهيا. جن-جاتيءَ جي پروگرامن ۾ پڻ شامل ٿي خوب آنند

من پسند روٽي کاڌائون. شام جو وري ويجها ڏسڻ جهڙا مَٺ ۽ ٻيون جڳهيون گُهمي آيا. توانگ مونيسٽري ڏٺائون. رات جو ڪائي پڻ آرامي ٿيا.

ٻئي ڏينهن جلد ئي نيرن ڪائي تيار ٿي ماڌري ليڪ گُهمڻ نڪتا. ماڌري جهيل جو اصل نالو سنگيسٽر ٽيسو هو. ماڌري ڊيڪشت جي ڪوئلا فلم جي جڏهن ڪان اُتي شوٽنگ ٿي تڏهن ڪان اُن جهيل جو نالو ماڌري ليڪ مشهور ٿي ويو. هاڻي اُن کي سڏين ٿا ماڌري ليڪ.

ماڌري ليڪ سمنڊ جي سطح کان 15200 فوٽ مٿي مؤجود آهي. باموڙاپاس جي رستي تي آهي. ماڌري ليڪ قُدرت جي ڪاريگريءَ جو لاثاني نمونو آهي. اِنڊو-چائنا بارڊر جي قريب آهي. برفيلن پهاڙن جي وچ ۾ مؤجود آهي. سئلانين جي لاءِ آڪرشڻ جي خاص جڳهه آهي. توانگ کان 30 ڪلوميٽر پري آهي. اُتان جلدي گُهمي موٽيا. لنچ ڪائي وري ٽاڪتسنگ گومپا ويا. پهاڙن سان گهيريل هيءَ جڳهه ٻوڌن جو تيرٿ اِستان آهي جتي ڪيترا ڀِڪشوءَ ٻوڌ مهاتما اچي تپسيا ساڌنا ڪندا آهن. اُتي وڃي سيني جي من کي سُڪوُن مليو. ڪُجهه وقت اُتي گذاري واپس توانگ آيا. اڄ توانگ ۾ سندن آخري ڏينهن هو. توانگ ياترا سيني لاءِ رومانچڪ ۽ يادگار ياترا رهي. توانگ کي گُڊ باءِ ڪري ويسٽ ڪيمنگ لاءِ روانا ٿيا. ويسٽ ڪيمنگ توانگ سان سٽيل ئي هئي. جلد ئي پهچي ويا. ڊرائيورن ڪار وڃي هوٽل پائسي ۾ بيهاريائون. ڪمرا ملي وين. رجسٽر ۾ اينٽري ڪري ائڊوانس جمع ڪرائي ڪمرن ۾ سپ وڃي وائڪا ٿيا. جلد ئي بومڊيلا لاءِ روانا ٿيا.

بومڊيلا گوٺ گهمسان کان پري شانتيءَ واري جڳهه هئي. هيءُ نگر برفيلن پهاڙن جي وچ ۾ مؤجود آهي. هيءُ نگر تهذيب ۽ روايتن واري جڳهه آهي. هتي شاندارا نظارا، سرسبز واديون، نارنگين جا باغيچا ڏسڻ واريون جڳهيون هيون. اُن کان علاوه بومڊيلا مونيسٽري (ٻوڌ مٺ)

''اگر ڊرائيورن هلڻ کان منع ڪئي ته؟''

''ڊرائيورن سان گڏ هلنداسين به نه. ڪِرائي جون ٽي بائيڪ وٺي
هلنداسين.''

''ٽي ڇو؟'' رِچا پُڇيس.

''توهان به هلندا؟''

''ڇو نه هلنديوسين؟''

''ٺيڪ آهي ڇئن بائيڪن تي هلنداسين.''

اِهو طيءِ ڪري سڀ وڃي آرامي ٿيا. صبوح جو چيڪ آئوٽ ڪري
...ست سيانگ لاءِ روانا ٿيا. اُتي پهچي سڏيندو ڪار وڃي هوٽل بلوُ
...ئنٽ وٽ روڪي. ٻي ڪار به اُتي اچي رُڪي. ڪمرا ملي وين. اڄا
... سيزن هلي رهي هئي. سامان ڪمرن ۾ رکي گُهمڻ روانا ٿيا. سڀ
...ن پهريائين آلو ويا. آلو قدرتي نظاري واري شانتي ۽ دلاسي واري
...ڳهه آهي. اڳيِ اُن جو نالو الانگه هو. بعد ۾ آلو سڏجڻ لڳو. آلو ناگپور
...نگر نارنگين جي نگر جي نالي سان مشهور آهي. اُتي ڪيترا ئي
...رنگين جا باغيچا آهن جن جي خوشبوءِ فضا ۾ ڦهليل هوندي آهي.

آلو ۾ نيري جل واري سيوم ۽ سپو ندين جو سنگم آهي. ندين جو
...نگم اکين کي ٺنڊڪ ۽ روح کي راحت بخشڻ وارو نظارو آهي. ندين
...ي مٿان ٻَڌَلَ انوکي لٽڪندڙ پُل به ڏسڻ وٽان آهي. ڪُل ملائي آلو
...حت بخش گُهمڻ جي جڳهه آهي. آلنگه ٻئي ڏينهن گُهمڻ جو
...وچي واپس هوٽل موٽي آيا.

اِئين نه اروڻاچل پرديش جي هر جڳهه قُدرت جي سونهن سان ٽمٽار
...ي. آلنگه به اُنهن مان هڪ آهي. ٻئي ڏينهن سڀ آلنگه گُهمڻ ويا.
...ريون ڀريون واديون، پهاڙيون، نارنگين جا بغيچا اِئين لڳن ڄڻ
...رڳه ۾ اچي ويا هئا.

آسپاس ڪيترا ڳوٺ هئا جِن جاتين جي خوبصورت تهذيب ۽

ماڻيائون. لنچ رستي ۾ ئي کاڌائون. دير شام جو هوٽل ۾ موٽي آيا. باقي وقت گپ شپ ۾ گُذاريائون. ڊرائيورن سان صلاح ڪري ٻه-ٽي جڳهيون چڏي (اُتي وڃڻ جو وقت گذري چُڪو هو) اِنڪري اُتان سينسري ضلع ۾ ڊپارجو جڳهه گُهمڻ جو سوچيائون. صبوح جو روانا ٿي، سينسريءَ پهچي هوٽل سينسري پلازا ۾ روم بوڪ ڪرائي سامان رکي ڊپارجو لاءِ روانا ٿيا.

ڊپارجو سينسري نديءَ جي ڪناري تي خوبصورت سينسري ننڍو نگر آهي. هيءَ جڳهه بانس جي جهنگل، سارين جي کيتن ۽ آبشارن جي لاءِ مشهور آهي. سڀ دوست هڪ هڪ جڳهه تسليءَ سان گُهمي آنند ماڻي رهيا هئا. سينسري نديءَ جي مٿان بانس جي لڪڙن سان ٺهيل جهوليندڙ پُل به ڏسي خوش ٿيا.

10 ۽ 14 صديءَ ۾ برباد ٿيل مندرن ۽ گهرن جا کنڊهر پڻ ڏٺائون. دوستن کي لڳو اروڻاچل گُهمڻ سندن صحيح فيصلو هو. اينتريون خوبصورت جڳهيون ٻئي ڪٿي به گُهمڻ ممکن نه هُين. لنچ اُتي ئي هڪ ننڍي هوٽل ۾ کاڌائون. گُهمي ڦري شام جو سينسري موٽي آيا. ڪُجهه دير شهر گُهميا. واپس هوٽل ۾ آيا.

سڏيندوءَ ٻُڌاين نه آلو آلنگ گُهمي رات جو اوپر سانگه ۾ رُڪندا. اُتان گُهمي ڦري ٻئي ڏينهن شام جو ايٽانگر پهچندا.

رات جو روٽي کائي دوستن پاڻ ۾ صلاح ڪئي. رات جو اولهه سيانگه ۾ رُڪندا. نرنجن پُڇين، ”رُڪڻ جو مطلب؟“

”واپس پاچوڪا هلي اِندو-چين باربر گُهمڻ هلنداسين.“

”پر مارچ نه گُذري ويو. اپريل جو به ٻيو هفتو شروع ٿي رهيو آهي. اُتي ڪيئن هلي سگهنداسين؟“

راجيش چيس، ”ڪهڙي آفت ايندي؟ آخر اُتي جا رهواسي به ته رهيا پيا آهن. سيارو به ته ناهي جو ٻرڙا وسندا يا طوفان ايندا؟“

ٿيني اِطمينان جو ساهہ کنيو. هاڻي هوُ آزاد پنڇي هئا.
نام جو هڪ آٽو جي اِسٽور تي وڃي آڌار ڪارڊ ڏيکاري چار موٽر
ئيڪل ڪِرائي تي بوڪ ڪري ڪريڊٽ ڪارڊ سان ڪِرايو ائڊوانس
ي چڪايائون. اي.ٽي.ايم. وڃي نيرج 25 هزار ڪڍيا. 10-10 هزار
چئني بہ ڪڍيا. گُهمي ڦري هوٽل موٽي آيا.
صبوح جو پر پيٽ نيرن ڪائي بسلريءَ جون ٻہ-ٽي بوتلون، منائي،
ڪين ڪٺي سيئي چٽا ميڇوڪا روانا ٿيا. اُتي پهچي بارڊر طرف
. هڪ ڳوٺ کي ڪراس ڪري اڳتي وڌيا تہ ڪنهن جي چلائڻ جو
ٻُڌڻ ۾ آين. آواز زنانو هو. ڪوئي مدد لاءِ پُڪاري رهيو هو. جيتيندر
ڪ تي اڪيلو هو. جيتوءَ اِسپيڊ وڌائي ۽ آواز طرف وڌيو. ٻين بہ
ڪ جي اِسپيڊ وڌائي. جيتوءَ ڏٺو ورديءَ ۾ چار ڄڻا هڪ ڇوڪريءَ
اغوا ڪري وٺي وڃي رهيا هئا. ورديءَ مان چيني سئنڪ ٿي لڳا.
ڄڻو ڇوڪريءَ جو هٿ پڪڙي گهلي وٺي وڃي رهيو هو. ڇوڪري
لاءِ پُڪاري رهي هئي. جيتوءَ بائيڪ وڃي اُن سئنڪ سان ٽڪرائي.
ڪ جو هٿ ڇڏائجي ويو. سئنڪ وڃي اونڌ پر ڪِريو. ڇوڪريءَ
پوئتي ڌڪ پاتي. تيستائين گورو ۽ نرنجن بہ پهچي ويا. اُهي بہ
ڪ گُهمائي گُهمائي چينين کي ڪُٽڻ لڳا. نيرج ۽ راجيش بہ اَدتي
ا کي لاهي چينين سان وڃي پِڙيا. چينين سوچيو بہ نہ هو تہ اوچتو
ئي اچي سندن مرمت ڪندو. ڇوڪري بہ ايترن مددگارن کي
اَدتيءِ ۽ رِچا جي پرسان بيهي رهي. ٻنهين کيس سُڃاتو. اِها اُها
ڇوڪرِي هئي جنهن کي پهريون دفعو رڊ جي ٻچي کي گود ۾
وڻ هينان وينو ڏٺو هئائون. اَدتيءَ پُڇيس، ”ڪيا نام هئہ؟“
”ڪِرن رِجو.“
”ڪيا هوئا؟“
”مئن پيرون ڪو چُراني لي گئي ٿي. مئني ديکا ٻي چارو چيني

روايتون ڏسڻ ۽ ڄاڻڻ جي ضرورت آهي اِن لاءِ ضروري آهي اُنهن جي وچ ۾ ڪُجهه وقت گُذارجي. اِهي جَنِ ڄاتيون، اُهي موُل نواسي اصلي هندستاني ۽ سناتني آهن.

ميچوڪا گهاٽي، رامڪرشن آشرم، ڊويني پولو مندر، پتوم پُل،جرڊن ڳوٺ، لتڪندڙ پُل اُنهن جڳهين مان آهن جيڪي گُهمڻ لائق آهن. بيشڪ آلنگہ سئلانين جي گُهمڻ لاءِ بهترين جڳهه آهي.

سڀ گُهمائي ٻُڌائي سڏيندو پُڇين، ”هاٽي؟“

رِچا چيس، ”هاٽي ڪُجهہ کائجي.“ سڏيندو هڪ هوٽل ۾ وٺي وين جتي وجي سيني پيٽ پوُڄا ڪئي.

سڏيندو چين، ”اچا وقت آهي هتان ڪوچ ڪري پاسي گهاٽ گُهمي دير شام تائين ايٽانگر پهچي سگهون ٿا.“

”لگتا هئہ گهر اؤر بچون ڪي ياد آئي هئہ.“

”ائسي ڪوئي بات نهين.“

”سُنو، ايي همارا من نهين ڀرا هئہ. هم لوگہ ڪُڇ دِن اِن وليجون ۾ جاڪر گِراميٹون ڪي ساٿ وقت بِتانا چاهتي هئن. همين هوٽل ڇوڙڪر آپ دونو ايٽانگر لوٹ جائو.“

”سيٹ جي ناراض هونگي.“

”مئن انڪل سي بات ڪر لونگي.“

سڀ واپس هوٽل بلوُ پائنٽ پهتا. رِچا سڏيندوءَ کان پُڇيو ”پيٽرول ايٽانگر تڪ چل جائيگا؟“

سڏيندوءَ چيس، ”سيٹ جي ني پئسي دي ديئي هئن، ضرورت پڙي تو ڀرا لينگي.“

”آپ لوگہ واپس ڪئسي آئينگي؟“

”ديکينگي، ضرورت پڙي تو بُلا لينگي.“

ٻئي ڊرائيور موڪلائي روانا ٿي ويا.

ڏينهن ۾ زخم پرجي ويندس. ڪِرن جي چوڻ تي سڀ سندس
ڪ ويا.
ڪِرن گهر پهچي هڪ چارپائي وڇائي اُن تي ڪمبل وڇائي، اُن
جيتيندر کي ليٽايائين. ٻين جي ٻه ويهڻ جو اِنتظام ڪري هڪ
ي گهوٽي ليپ ٺاهي کڻي آئي. زخم تان اِسڪارف هٽايائين.
نچيءَ سان بشرٽ جي ٻانهن کُلهي وٽان ڪٽي، زخم تي ليپ
يائين. رنڌڻي ۾ وڃي کير گرم ڪري هيڊ ملائي کڻي آئي.
نيندر کي کير پيئاريائين. جيتيندر چاهت ڀرين نظرن سان ڪيس
رڻ لڳو. قُدرت پنهنجي سونهن جي خزاني مان ڪِرن رِجوءَ کي
مال ڪري ڇڏيو هو. سڀ حيرت سان ڪِرن کي جيتيندر جي لڳن
ن تيمارداري ڪندي ڏسندا رهيا. ڪِرن جيتوءَ کي کير پيئاري
يءَ کي چيو، ”مئن اپي سڀ کي ليئي چايہ بنا ڪر لاتي هوُن.“
ا سوچڻ لڳي- ”جيتو بہ ٿي ويو ڪِرن رِجوءَ جو، باقي بچيو راجو.“
ڪِرن چانهہ ٺاهي کڻي آئي، سڀني چانهہ پيتي. چانهہ پي اَدتيءَ
يس، ”اب هم لوگہ جائين؟“
ڪِرن چيس، ”آپ لوگہ جانا چاهتي هئن تو جائيئي. اِنکو تہ دو-
ن دن يهان رهنا پڙيگا.“
سڀ هڪٻئي جو مُنهن تڪڻ لڳا. نيرج چين، ”توهان سڀ وڃو. آءٌ
ي جيتوءَ سان گڏ تو رهان. بائيڪ وڃي واپس ڪيو.“
اَدتيءَ چين ”آءٌ بہ رُڪان ٿي.“
نرنجن چيس، ”تنهنجي رُڪڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟“
رِچا چيس، ”رُڪي ٿي تہ رُڪڻ ڏيس نہ، توکي ڪهڙي تڪليف
ٿئي؟“
گؤرو چيس، ”تي ڏينهن اتي رُڪي ڪهڙي جڪہ مارينداسين؟“
راجيش چيس، ”جڪہ مارڻ لاءِ نديءَ يا ڍنڍ تي وڃڻو پوندءِ. اُتي

سئنڪ چوري چُپي ڳانوَ ڪي طرف بڙھ رهي ٿي. مئني سوچا ميري چلاني سي گهبرا ڪي ڀاڳ جائينگي. ميري چلاني سي وي ميري طرف آئي. مئني ڀاڳني ڪي ڪوشش ڪي، ايڪ ني ڊوڙڪر مُجهي پڪڙ ليئا. مئن مدد ڪي ليئي چِلارهي ٿي. تڀي آپ لوڳ آ ڳئي.“ هوڏانهن پنجن ئي دوستن چينين کي ڊوڙائي-ڊوڙائي ماريو. پوءِ بائيڪ تان لهي مُڪن، لتن سان ڪُٽڻ لڳن. هوُ چلائيندا رهيا ۽ مار کائيندا رهيا. هڪ سئنڪ موقعو ڏسي چاقون ڪڍي جيتيندر تي حملو ڪيو. چاقو جيتيندر جي بازوءَ ۾ لڳو. جيتيندر پلٽي سئنڪ جي نڪ تي ٺونشو وهائي ڪڍيو. نڪ مان رت نيئنديون ڪري وهڻ لڳس. اِهو ڏسي چار ئي دوست مڇرجي ويا. بيلٽ لاهي چئني کي ڪُٽڻ شروع ڪيائون.

ڪِرن رچوءَ جيتيندر تي حملو ڏسي ۽ جيتيندر جي بازوءَ مان رت وهندو ڏنو تہ ڊوڙي اُتي ويئي. متي مان اِسڪارف لاهي جيتوءَ جي گهايل ٻانهن تي ڇِڪي ٻَڌائين. سندس هٿ پڪڙي اُتان پري وٺي ويس. گوُرو چيو، ”چئني کي جلد ختم ڪيو تہ جيتيندر کي جلدي شهر ڊاڪٽر ڏي وٺي هلون.“

نيرج چيس، ”اسان کي مارڻ جي ضرورت ڪونهي، سندن ناناشاهہ ئي ماري ڇڏيندو.“

سئنڪن کي اِشاري سان پنهنجي متي تي هٿ رکڻ لاءِ چيو. چئني هٿ متي تي رکيا. راجيش سندن تلاشي ورتي، جيڪي برامد ٿيس، پنهنجي قبضي ۾ ڪيائين. وري نيرج جي چوڻ تي چئني پنهنجي وردي لاٿي. کين ڊوڙي پنهنجي سرحد ۾ وڃڻ لاءِ چيائين. چار ئي جان بچائي وٺي ڀڳا. نرنجن ورديون کنيون. بائيڪ ڪٽي چار ئي اُتي پهتا جتي جيتيندر ۽ رِچا، اَدتي ۽ ڪِرن بيٺيون هيون. اَدتيءَ نيرج کي ٻُڌايو تہ ڪِرن چوي ٿي، ڊاڪٽر وٽ وڃڻ جي ضرورت ناهي، اُنهن وٽ اَهڙيون جڙيون ٻوُٽيون آهن جنهن جو ليپ لڳائڻ سان ٻن-

وتل ۾ چار ئي ڪائي پيِ آرام ڪري رهيا هئا. رِچا کي ٻپ وچان
ٽي آئي. ڪِرن جي اغوا ٿيڻ ۽ اُن ڪان پوءِ ٿيل مار ڪُٽ جو
ي لرزي ٿي وئي اَچ اَدتيِ به گڏ نه هُيس. ڪيتريءَ ڪوشش جي
ود ننڊ نه آيس ته وڃي راجيش جي ڪمري جو در کڙڪايائين.
ش چرڪُ پري اُٿيو. وڃي در کوليائين. ٻاهر رِچا بيٺي هئي.
ش سوالي نظرن سان ڏسڻ لڳس. رِچا چيس، ”اندر اچڻ نه
ڏين؟“
جيش هڪ طرف هٽي ويو. رِچا اندر وڃي پلنگ وٽ بيهي رهي.
ش پُڇيس، ”ڪُجهه گهر جئي؟“
چا چيس، ”راجو مونکي ننڊ نٿي اچي ٻپ ٿو لڳي. اکيون ٻوٽيان
نه اِئين ٿو لڳي ڪير مونکي اغوا ڪري رهيو آهي.“
جيش چيو، ”اَدتيءَ کي اُتي رُڪڻ نه کپندو هو.“
چا چيس، ”اَدتيِ نيرج جي پريم ۾ ديواني ٿي ويئي آهي. هڪ
ه هُن ڪان پري رهڻ نٿي چاهي.“
”اسين ويندا سين ته پوءِ ڇا ڪندي؟“
”گاڊ نوز. (ڀڳوان ٿو ڄاڻي) آءٌ رات هن روم ۾ گُذاري سگهان ٿي.“
”اِهو ڪيئن ممڪن آهي؟“
”ڇو ناهي ممڪن؟ ٻپ ٿو لڳئي؟“
”ٻپ نه لڳي ٿو.“
”مونکان يا خود تي پروسو نٿي؟“
”زماني کان.“
”اسين زماني جي پراپرٽي آهيون؟ غلام آهيون زماني جا؟ آءٌ
ت تي نٿي ڊڄان، تون مرد ٿي ڊڄين ٿو؟“
اجو ڪوئي جواب نه ڏئي سگهيو. وڃي دروازو بند ڪري آيو. رِچا
چيائين، ”تون پلنگ تي سُمهه، آءٌ هيٺ پٽ ۾ ٿو بسترو لڳايان.“

فقط مکيون ماري سگهنديں.''

نيرج چيس، ''پاسي گهاٽ قريب ئي آٿو. بائيڪ تي وڃي گهمي اَچجو. اڄا بہ بور ٿيو تہ ايتانگر هليا وڃجو. رِچا توهان جي وڃڻ جو اِنتظام ڪري ڇڏيندي.''

سڀ اُٿي وڃڻ لڳا. نيرج راجيش کي چيو- ''سياڻي منهنجا ۽ اَدتيءَ جا ڪپڙا، برش، توال ۽ ٻيو ضروري سامان ڏيئي وڃجانءِ.'' گوُرو، نرنجن، راجيش چارئي ڄڻا روانا ٿيا ويا. بائيڪ وڃي واپس ڪيائون.

اَدتيءَ ڪِرن کان پُڇيو، ''آپکي گهر ۾ کؤن کؤن هئہ؟ اس سميہ وو لوگہ کهان هئن؟''

''ميري مان باپ هئن. ايڪ ڀائي هئہ. سڀ لوگہ ڪام پر گئي هئن، شام ڪو لؤٽينگي.''

''هماري رُڪني سي آپ لوگون ڪو تڪليف تو نهين هوگي؟''

''نهين هوگي. ڪسي ڪي يهان ڪوئي مهمان آتا هئہ تو ايڪ دوسري ڪي مدد ڪرتي هئن. البت آپ لوگون ڪو ضرور ڪشٽ هوگا. هوٽل جئسي سُکہ سويڌا نهين مليگي.''

''تُمکو جڙي بوُٽيون ڪا گيان ڪهان سي مِلا؟''

